# پَهڻَ پيرَ پِٿُون ڪَيا

(شاعري)

**فرزانا شاهين**

مرڪ پبليڪيشن
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر





# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”پَهڻَ پيرَ پِٿون ڪَيا“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب شاعره ۽ ليکڪا **فرزانا شاهين** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

فرزانا شاهين نثر توڙي نظم جي پُختي ليکڪا آهي، سندس هي ڪتاب ”پهڻ پير پٿون ڪيا“ ان ڪري بہ مختلف آهي جو هي مجموعو سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنفن واين ۽ بيتن تي آڌاريل آهي. وقت جون ويرون، اهنجن جا اولڙا، پنهنجن جا پيڙاءُ، اهم رشتن جو ناروا سلوڪ،اڄ جي سسئي ۽ سُهڻي سان ٿيندڙ انياءُ، ڏرتي ڌٽين سان ڌوڪا، ڪامٽين سان ڪلور، سڪين، سانگين، نياڻين، اياڻين شهرن ۾ ڀهراڙين جي عورتن سان ناانصافيون سندس واين ۽ بيتن جا اهم موضوع آهن.

هي ڪتاب **مُرڪ پبليڪيش** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مُرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**


sulemanwassan@gmail.com

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com




Book No. 15

پَهڻَ پيرَ پِٿون ڪَيا
(شاعري)
فرزانا شاهين
فيبروري 2017ع
ڪمپوزنگ: زبير سومرو
0333-7594302

Pahan Per Pithoon Kaya
(Poetry)
Farzana Shaheen
February 2017
Composing: Zubair Soomro

## ڇپيندڙ: مرڪ پبليڪيشن

Published by:

**MURK PUBLICATION**

Murtaza.laghari9@gmail.com
Murtaza.laghari@ymail.com

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

ملهه: 200 روپيا


## ڪتابن ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪاٺياواڙ شاپ اردو بازار ڪراچي، پٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، عزيز ڪتاب گهر سکر، تهذيب بڪ اسٽور خيرپور، پريتم قاضي نواب شاهہ، ڪنول

# ارپنا

زندگيءَ جي هر آسِيس پنهنجي جيوَن ساٿي
حبيب الله مهر جي نانءِ،
جو مون لئه تتيءَ ۾ ڇانءَ ۽ ٿڌڪار ۾ نيڻن ٻٽيو.

پنهنجي سنجيده سَڪي شبانه عالمانيءَ جي نانءِ،
جنهن جي شاعري ادراڪ جي اوٽ ۾،
ڀرپور موٽ ماڻيندي رهي ٿي.

علي بابا،
نورالهديٰ شاهه،
۽ آسي زمينيءَ جي نانءِ،
سندن تخيل ۽ تخليق مٿان ڪڏهن به وقت،
جو لَٽُ چڙهي نه سگهندو.

**فرزانا شاهين**



ڏُونگرَ! ڏوراپو، پَهِريون چَوندِيَسِ پِرينءَ کي،
پَهَڻ پيرَ پِٿُون ڪَيا، تِريُون چِنيُون تو،
رَحمُ نه پِيئي رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنهِنجو ڪو،
واکو ڪَندِيَسِ: ووءِ! مُون سين جَبَلُ ٿو جاڙُون ڪَري!
(شاهه)

# سٿاءُ


پبلشر نوٽ: ............. مرتضيٰ لغاري

مهاڳ: ............. امداد حسيني

پنهنجي پاران : ............. فرزانا شاهين

ڏؤرجي ترجماني ڪندڙ فرزانا شاهين جا بيت : ادل سومرو

بيت : .............

ڌرتي تنهنجي جهول ۾ ............. اياز گل

وايون .............


www.sindhsalamat.com



## پبلشر نوٽ:

شاعري شعور جي ثابتي هجي ٿي، چو تہ هر شاعر جي هر تخليق ۾ بيان ڪيل وارتا سندس ذاتي ڪٿا نہ ٿيندي آهي، حقيقي شاعر هر وقت چار اڪيونءِ قومي غيرت ساڻ ڪٽي سماجي عڪاسي ڪري ٿو. اهڙي ريت شاعري ۾ فني پختگي استاد شاعر جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. سنڌي شاعري ۾ اڪثر شاعر انهن ذميوارين کان ڪن لاٽار ڪندي نظر اچن ٿا، اهڙا چند نالا آهن جن تخليقي بنياد تي قومي فرضن جي ادائگي ڪندي ڪلاسيڪل شاعري، آرٽ، توڙي تهذيب جي بقا لاءِ تاريخ رقم ڪئي آهي.

سنڌي شاعري جي تاريخ ۾ چند آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون شاعرائون آهن جيڪي تخليقي پختگي جي آڌار تي فرض شناسي جون دعويدار ٿي سامهون آيون آهن، اهڙين شاعرائن ۾ "فرزانا شاهين" اهم نانءُ آهي.

"فرزانا شاهين" سنڌي ادب جي سفر ۾ منزل جي ڳولا لاءِ پيرين پنڌ نڪتل پراڻي پانڌياڻي آهي، تنهن ڪري پير پٿون ٿيڻ باوجود پوئتي منهن ورائي نہ ٿي ڏسي. "پهڻ پير پٿون ڪيا" شاعري جو مجموعو سندس ان ڏس ۾ پڪي ثابتي آهي. هن ٿورڙي عرصي ۾ ٿوري ٿوري وٿي بعد سنڌي ادب جي جهول ۾ ٻہ مختلف ڪتاب وڌا آهن. "فرزانا شاهين" پرپور شعر سرجيا آهن، پر ڪهاڻي ڪتاب "وجود جي ڳولا" ڪيس سگهارن ڪهاڻيڪارن ۾ آڻي بيهاري ٿو. سندس ٻيو، شاعري جو ڪتاب "نيڻ آسائتا" ڪجهہ عرصو اڳ شايع ٿيو آهي. "شاهين" نثر توڙي نظم جي پُختي ليکڪا آهي، "پهڻ پير پٿون ڪيا" سندس ٽيون مجموعو آهي، جيڪو ان ڪري بہ مختلف آهي جو هي مجموعو سنڌي شاعري جي ڪلاسيڪل صنفن واين ۽ بيتن تي آڌاريل آهي.

يقينن واين جو اهڙو ڪتاب پهريان ورلي ڪنهن شاعره لکيو هجي، پر اهو اعزاز "فرزانا شاهين" ماڻي ورتو آهي. وقت جون ويرون، اهنجن جا اولڙا، پنهنجن جا پيڙاءُ، اهم رشتن جو ناروا سلوڪ،اڄ جي سسئي ۽ سُهڻي سان ٿيندڙ انياءُ، ڌرتي ڌڻين سان ڌوڪا، ڪامڻين سان ڪلور، سڪين، سانگين، نياڻين، اياڻين شهرن ۽ ٻهراڙين جي عورتن سان ناانصافيون سندس واين ۽ بيتن جا اهم موضوع آهن.

"فرزانا شاهين" جو هي اهم شعري مجموعو شايع ڪندي ڪيس پليڪار چئون ٿا تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي هيءَ شاعره ايندڙ وقت ۾ اڳا بہ وڏيڪ ڪارائتا ڪتاب لکي سگهي.


**مرتضيٰ لغاري**

ڪراچي

03005182494


www.sindhsalamat.com

مهاڳ

# سورج ٿي ڳهاريو!

دليون ڍاهي آدمي، محل پيو ٺاهي،
کهڙو دور اچي ويو!

فرزانا شاهين جي اِها هڪ وائيءَ جي مصرع ۾ وراڻي آهي، ان ۾ ظاهر آهي تہ هُن پنهنجي دور جو چِٽ چٽيو آهي. ان تي مون کي بلها شاهہ جون هي سِٽون هانوَ تي هُري آيون آهن:

مندر ڍاهدي، مسجد ڍاهدي، ڍاهدي جو ڪجهہ ڍهندا اي
پر ڪِسي دا دل نا ڍاهِين، رَبُ دِلان وِچ رهندا اي

اهو بلها جو سچ آهي. اُن دور جو درد آهي. اُن دور ۾ هِن دور جو درد ائين مشترڪ آهي، جيئن زندگي مشترڪ آهي. لڳي تہ ائين ٿو تہ ڪجهہ بہ تہ نہ بدليو آهي! دليون هر دور ۾ ٽوڙيون ويون آهن! انسانن جي هڏن جي ٺيڪي تي، ماس ۾ رت جي گاري سان محل ماڙيون اَڏيا ويا آهن! ڪڏهن ڌرم ۾ مذهب جي نالي ۾، تہ ڪڏهن سياست جي نالي ۾!

منهنجي آڏو فرزانا شاهين جو نئون شعري مجموعو “پهڻ پيرَ پٽُون ڪيا” آهي، جنهن ۾ بيت ۾ وايون آهن:



چا ۾ آهي نجات؟
چو تون سوچين ڪونہ ٿو!

ڪاڏي خرچ ڪرين پيو، ڏاتر واري ڏات
چو تون سوچين ڪونہ ٿو!

ويٺي ملندي ڪينڪي، جانئڙا پريات،
چو تون سوچين ڪونہ ٿو!

شاعري اُها ئي آهي، جيڪا پڙهندڙ / ٻڌندڙ ۾ هڪ سوچ اُڀاري. اهو بہ ضروري نہ آهي تہ اُها سوچ، اُها ئي هجي، جيڪا شاعره / شاعر جي آهي. اُها سوچ بلڪل مختلف بہ ٿي سگهي ٿي. شاعري ڪنهن خاص وقت ۾ ڪيفيت ۾ ٿي وڃي ٿي، عشق وانگي! پڙهندڙ بہ اُن کي هڪ خاص وقت ۾ ڪيفيت ۾ پڙهي ٿو. انڪري اثر بہ مختلف ٿئي ٿو، پر شاعريءَ جو اهڙي اثر انگيزيءَ لاءِ لازمي آهي تہ اُن ۾ لفاظي نہ جي، سطحيت نہ هجي، اُن ۾ گهرائي هجي.

فرزانا شاهين جو موڪليل سمورو مواد مون پوري ڌيان سان پڙهيو آهي. سندس ڪلام جو هڪ مکيہ گڻ اهو آهي تہ اُن ۾ نعريبازي نہ آهي. ان جو مثال سندس مٿي ڏنل وائي آهي، جنهن جي ٿل ۾ “نجات” / چوٽڪاري جي ڳالهہ ڪيل آهي، بلڪ ان بابت سوچڻ تي آياريو ويو آهي. ان جي پهرين مصرع ۾ “ڏات” جي حوالي سان سوال ڪيو ويو آهي، فرزانا جو اهو سوال هاڻوڪي صورتحال، خاص ڪري ادبي، ۾ انتهائي اهم آهي. اهو سوال نہ رڳو هُن جو پنهنجو پاڻ کان آهي، پر پنهنجي پوري همعصر لڏي کان بہ آهي تہ هُو پنهنجي ڏات کي ڪٿي ڪم آڻي رهيو آهي؟ هُن جو انهيءَ فن جو، هُنر جو کهڙو مصرف آهي؟ اُن جو ڪو مقصد بہ آهي يا نہ! تازو

“سارنگا - امن مشاعري” ۾ بہ مون ڪجھ اهڙي ئي ڳالھ ڪئي هئي تہ “اسان سوال ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن. اسان خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن!” جنهن سماج ۾ سوال نہ ٿو ڪيو وڃي، جنهن سماج ۾ خواب نہ ٿو ڏٺو وڃي، اهو بيٺل پاڻيءَ وانگر آهي، سينواريل! انهيءَ سينواريل بيٺل پاڻيءَ (سماج) ۾ هڪ شاعر جو ڪردار ڪهڙو هئڻ جڳائي؟ هڪ ڪَونر وارو! نِرليپ. اَڇو اُجرو، صاف شفاف، چِٽو، پڌرو، نمايان. سينواريل پاڻيءَ (سماج) ۾ ڪونر وانگي، جَنهن تي ڏسندڙ جون اکيون کپي وڃن، جيڪو پري کان ئي ڏسڻ ۾ اچي ۽ ٻن اکين جي نهار جو، مرڪز بڻجي وڃي! ڪَونر، جيڪو پاڙ تہ سينواريل پاڻيءَ ۾ هٽي ٿو، پر پنهنجو ڳاٽ اوچو ۽ ان کان ٻاهر ٿو رکي، تازي هوا ۾ جُهولو ٿو جُهولي، ڪَونر، جيڪو سڄي منظر جي سُونهن جو اهڃاڻ بڻجي ٿو وڃي، ڪَونر جنهن کي چنڊ پنهنجي چانڊاڻ ساڻ ٿو وهنجاري سهنجاري، تہ سِج اُن تي پنهنجا سونا ڪِرڻا ٿو گهوري! ۽ پوَنر اُن تي پيرا ٿو ڏئي ۽ گونجار ٿو ڪري:

ڪَونر پاڙُون پاتار ۾، پوَنر پري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازقَ آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن مُحبتي ميڙيا!
(شاهہ سائين)

هاڻي اتي وري بہ اهو سوال ٿو اُٿي تہ: “ڇا شاعر پنهنجو اهڙو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي؟” ان جو جواب فرزانا جي هيءَ سِٽ آهي:

ويٺي ملندي ڪينڪي، جانيئڙا پريات،
ڇو تون سوچين ڪونہ ٿو!

اتي وري بہ هڪ سوال ڪري سگهجي ٿو تہ “ويٺي پريات نہ ملندي تہ ڇا بيٺي ملندي؟” هينئر جڏهن آئون هي سِٽون



لکي رهيو آهيان، تڏهن بہ تہ پريات سَموئي آهي! سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ تي پريات! پريات، جيڪا رات جي پڇاڙيءَ ۽ ڏينهن جي آرنڀ جو اعلان آهي! ڇا، هيءَ اُها ئي پريات آهي، جنهن کي ماڻڻ لاءِ. فرزانا اها سِٽ لکي آهي؟ تہ ان سوال جو جواب آهي “نہ” هيءَ تہ اُن ڏينهن جي پريات آهي، جنهن لاءِ شاهہ سائينءَ چيو آهي تہ:

اُيريو ڏينهن ڏُکن جو، سورن سندو سِڄُ!

يا:

هڪ رات پوري ٿي وئي
ٻي رات ٿي ويئي شروع

اُها “پريات”، جنهن لاءِ فرزانا جو چوڻ آهي تہ “ويٺي ملندي ڪينڪي”، ۽ اهو هُن “جانيئڙا” کي چيو آهي، جڏهن تہ اڄڪلھ “جانان” جو شاعريءَ ۾ وڏيڪ فيشن آهي ۽ ڇڱا ڀلا اِن کي “جانان” لکڻ کان بہ نہ ٿا مُڙن! جنهن جي معنيٰ نڪ تي آڱر اُگهڻ وارو عمل آهي (جانا پرڻ)! ان سِٽ ۾ جنهن “پريات” جي ڳالھ آهي، اُها سچي پچي بہ رات جي پڇاڙيءَ ۽ ڏينهن جي اچڻ جي اعلان واري پريات آهي! جنهن ۾ ڇوٽڪارو آهي، نجات آهي، آزادي آهي، هر ظلم، ڏاڍ، ڌڪاءُ، انياءُ، انڌير ۽ انڌيري جي پُڄاڻيءَ واري پريات! ان پريات جون بہ وڪون اڳتي وڌي سواگت ڪرڻو پوندو:

هلي ايندم هوت، ڪجھ آءُ بہ اڳيري ٿيان!

ويٺن تان واري وري ويندي آهي. سڪٽي سَڌ سان ڪجھ بہ وَرڻو سَرڻو ناهي:

نينهن نياپي نہ ٿيي، سَڌين سيڻ نہ هُون،
ڪاريين راتين رَتَ ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُونَ!
(شاهہ ڪريم)

يا جيئن شاهہ سائينءَ چيو آهي تہ:

ڏونگر نہ ڏوري، سِڪڻ جون سَڌون ڪري،
ويٺي گهر گهوري، مٺان پرينءَ جندڙو!

سو، ان پريات، جيڪا حقيقي ڏينهن جو اعلان آهي، پَسڻ

لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي:

ڏاتر جي هن ڏيهہ ۾، ڏُڪندن سان ڏُکندي،
منهنجي ذات وڏي پئي! (شاهين)

۽ اُن جاکوڙ لاءِ عقل، شعور ۽ ڏاهپ جي گهرج آهي، بي مقصد نعرن ۽ مجهول نظرين بدران هڪ با مقصد ۽ پُر عزم جدوجهد جي ضرورت آهي ۽ اُن لاءِ علم جي اهميت آهي، اُن لاءِ تعليم سڀ کان وڏو محاذ آهي، جيڪو هٽ وٺي تباهہ ڪيو ويو آهي، شعر ۽ ادب جي صورتحال بہ ڪا چڱي نہ آهي.

عورت شاعر لاءِ تہ وڏا مسئلا آهن:

"فرزانا" هر گام تي، عورت ئي الزام
آزادي ڪنهن کي ملي؟

مارئيءَ جي ديس سنڌ ۾ اڄ جي مارئي آزاد نہ آهي، جيڪا هر انسان جو جنم سِڌ اڌڪار آهي، سنڌ جي نياڻيءَ، سنڌ جي عورت کي اُهو بنيادي حق حاصل نہ آهي، اُها سنڌ، جنهن ۾ نياڻي سياڻي هوندي آهي، نياڻي ست قرآني سڏبي هئي، امان، بابا، پُٽ ڇئي جنهن سان مخاطب ٿيو هو، جنهن جي ميڙ آئي خون بہ بخش ٿي ويندا هئا، اُن جي حالت اڄ جي سنڌ ۾ ڪهڙي آهي؟

آهي نيڻن جي اڱڻ، ڪنهن جي ڏيءَ ڪُٺي،
جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

"فرزانا" بہ اُنهيءَ ديس جي شاعر آهي. هوءَ اُن جي حالتن تي ڦٿڪي لڇي ٿي ۽ اُن جي سُورن کي سِٽن ۾ سمائي ٿي:

ڌرتي جڳ جي ماءُ، ڌرتيءَ کي پاڳا نہ ڪر!
تنهنجو سهندي ڪيترو، ماٺي تي انياءُ،
ڌرتيءَ کي پاڳا نہ ڪر!

"پَهَڻَ پير پٽون ڪيا" ۾ وايون ۽ بيت آهن. واين جو پاڳو ڪجهہ سوايو آهيَ. "وائي" هڪ سادي سُودي ۽ سُريلي صنف آهي. "فرزانا" وائيءَ جي اُن سُريلي سياءُ کي سمجهي ٿي. وائيءَ جي سادي سُودي روپ ۾ ئي ڪا ڳُوڙهي ڳالهہ ڪرڻ جڳائي، ان جو ثبوت سنڌس هيءَ وائي آهي:



ڏيئا پاري ياد جا، جاڳي ٿي جذبات،
ايندو راڻو ڪاڪ ڏي!
ايندو ڏيندو مينڌرو، سُورن کي سڪرات!
ايندو راڻو ڪاڪ ڏي!
آڻيندي "شاهين" اَوسُ، آزادي پريات،
ايندو راڻو ڪاڪ ڏي!

"وائي" ۾ وراڻيءَ جي خاص اهميت آهي تہ اُها نہ رڳو هر مصرع سان جُڙيل هئڻ گهرجي، پر اُن جي معنيٰ خيزيءَ کي هٿي پڻ ڏئي. "فرزانا شاهين" راڻو، ڪاڪ، مينڌرو جو ڪردار، ماڳ ۽ اهڃاڻ (Symbols) پنهنجي ڪلاسڪ مان کنيا آهن ۽ انهن کي پنهنجي دؤر سان سلهاڙيو آهي، راڻو مينڌرو ايندو ۽ ڪاڪ جي ٽڪساٽ کي ٽوڙي پنهنجي مقصد جي مومل ماڻيندو. "فرزانا شاهين" آشا واري شاعر آهي:

ڳٽـيـون ۽ ڳارا، باقـي ٿـورا ڏيـنـهڙا!
"فـرزانا" ويـنـدا وَهـي، سُـور سـڄـڻ! سـارا،
باقي ٿورا ڏينهڙا!

فرزانا شاهين ڀٽايو تہ سنڌس وايون سُر تي آڌار رکن ٿيون، "سُر" شاعريءَ جو، خاص ڪري سنڌي شاعريءَ جو، بنياد آهي. ان ڏس ۾ سُر جي ڄاڻ جيتري وڌيڪ هوندي، اوترو ئي شاعريءَ ۾ رس چس هوندو. وائي جيئن تہ هڪ سُريلي صنف آهي، اُن ڪري اُن جو سڀنڌ بہ سُر سان آهي. ماترڪ ڇند جو سرشتو جيتوڻيڪ سُر جي سرشتي کان پوءِ جو آهي پرماترڪ ڇند جو سرشتو بہ سُر مان ئي ڦٽي نڪتو آهي. انڪري هڪ شاعر کي ان ڏس ۾ ڄاڻ هئڻ گهرجي، ساڳئي وقت جنهن صنف ۾ شاعر جي دلچسپي آهي، اُن جو اڀياس پڻ هئڻ جڳائي. ان ريت ٻوليءَ جي ڄاڻ بہ پرائي سگهجي ٿي - ۽ ان لاءِ بہ اڀياس ۽ عوام سان رابطو لازمي آهي ۽ اِن ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ عورتاڻي سماج ۾ ئي ٻوليءَ جو نجپٽو بہ قائم رهيو آهي. اُن مان ڀرپور لاڀ پرائڻ گهرجي. فرزانا شاهين وٽ ٻوليءَ جو اهو ميٺاج سِٽن ۾ اوتجي آيو آهي:

"فرزانا" ٻولي مِٺي، آهي ڪنهن جي وو؟
مون کي ڪير سڏي پيو!؟

"نينڍَ آسائتا" وانگر "پهَڻَ پيرَ پِٽُون ڪيا" عنوان بہ معنيٰ خيز آهي:

هانءُ وِرهہ جي وات تي، ڦُٽي ٿيو ڦاڪُون،
پهڻ پنڌ پُڄي نہ ٿو!

"سارنگ آيو سرتِيُون" وراڻي واري وائيءَ جي هيءَ مصرع پڙهي، مون کي ڪراچيءَ جي رستن تان، جمڙائوءَ جي ٽاپ تان ۽ سينٽرل لائبريري سنڌ يونيورسٽيءَ آڏو وڏيل وڻ ياد اچي ويا:

وڻ وڻ وينئو ٿو پَسي، پکيئڙن جو پيارُ،
سارنگ آيو سرتِيُون!

ظاهر آهي "فرزانا" ان منظر کي پنهنجي نظر سان ڏٺو ۽ پينٽ ڪيو آهي ۽ مون ان کي ٻي ڪيفيت ۾ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي. فرزانا انهن وڻن ۽ پکيئڙن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي موجود آهن ۽ اها مصرع پڙهي مون کي اُهي وڻ ياد اچي ويا، جيڪي ڪڏهن موجود هئا! جيڪي وڍجي ويا، پنهنجي ڇانوَ ۽ پکين جي لاتين سميت! شاعريءَ جو اهو بہ ڪمال آهي تہ اها توهان کي اُهي ڏيک بہ ڏيکاري ٿي جيڪي ڪڏهوڪو ميسارجي چڪا آهن!

جمود موت آهي، تحرڪ زندگي آهي. "هل تہ پهچين موت کي!" وارو مَتو هر شاعر وٽ هئڻ جڳائي، فرزانا وٽ بہ آهي:

چا ٿو سوچين وائڙا، ڏورڻ منجهہ حيات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

جيئڻ لئہ ڪر جستجو، ڪو دم ڪاري
رات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

فرزانا شاهين، جنهن سفرِ تي نڪتي آهي، اُهو پيڙائين پَٽ تي، پِٽُون پيرن سان پنڌ آهي ۽ اُهو سفر هُن کي اڪيلي سر طئي



ڪرڻو آهي. ان سفر ۾ جن مرحلن مان هوءَ اُڪري ٿي، اميد تہ انهن کي لفظن جي روپ ۾ پني تي لکندي رهندي، نوان گيت ڳائيندي رهندي:

جهومي پئي وايو منڊل، گيت نئون ڪو ڳاءِ،
ڦيٽو ڦريو وقت جو! (شاهين)

**امداد حسيني**
ڪراچي سنڌ
20/12/2016

# پنڌ احساسن جا

انسان جي اندر جون بہ عجيب ڪيفيتون ٿين ٿيون. اندر جون ڪيفيتون بہ موسمن وانگر مختلف احساس ڏين ٿيون. ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن پن ڇڻ جي موسم جيان ڏک ۽ خوشيءَ جا احساس اُڀرن ٿا ۽ اهي احساس ئي زندگيءَ جي مختلف پيچرن تي وٺي وڃن ٿا ڪٿي احساس روح سان ڳنڍيل آهن تہ ڪٿي پاونائن سان مسلسل جنگ جوٽين ٿا يعني انسان مسلسل پوڳنا جي سفر تي پنهنجا پيرَ پٽون ڪري ٿو. جڏهن پهريون پيرو لکڻ شروع ڪيو هو تڏهن بہ اهو ئي سوچيو هو تہ لکڻ جو ڪارج ڪهڙو آهي؟ پاڻ پنهنجي اندر ۾ اٿل پُٿل انهن سوالن ڪي شانت ڪرڻ....! يا واهہ واهہ جي تاڙين تي مَن ڪي ريجهائڻ....؟ پر اُها واهہ واهہ جيڪڏهن اندر جي ڪروڌ ڪي ريجهائي سگهي ها تہ بي چَئي مَنَ ڪي ڪڏهن جو شانتي ملي وڃي ها.... مان پنهنجي اوٽيل پيڙائن جي خولَ ڪي ڪيئي پيرا ٽوڙڻ چاهيو.... پنهنجي خاموش طبع ۾ سمايل ڪيئي درد ۽ ڪوڪلن ٿهڪن جي وچ ۾ پاڻ ڪي هميشہ اڪيلو ئي پانيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي باري ۾ سوچيندي آهيان تہ مان ايتري Complicated ڇو آهيان هر ماڻهو مون ڪي سمجهي چونہ سگهندو آهي...؟ منهنجي شخصيت يا اندر جون ڪي ڪميون آهن جن هميشہ مون ڪي پنهنجي ذات ۾ اٽڪيورو رکيو آهي. مان انهيءَ ڪيفيت مان گذرندي خبر ناهي ڪيترا خوبصورت رشتا ۽ پيار ڪرڻ وارا ماڻهو منهنجي گرد انهيءَ



خول سان مٿو ٽڪرائي ٽڪرائي پورا پورا ٿي ويا يا مون ڪي اڪيلو ڇڏي ويا. مان پنهنجي پيچيده طبيعت جي باعث هميشہ وڃايو آهي.... ۽ انهيءَ ڪميءَ جو احساس مون ڪي تنها ڪري ڇڏيندو آهي. منهنجي اندر جا خوف اڄ بہ ساڳيا آهن جڏهن پهريون پيرو لکڻ شروع ڪيو هو تڏهن بہ اهي ئي خوف ۽ انديشا مون سان گڏ هئا پر لفظن ۾ الائي ڪهڙي طاقت هئي جن بار بار لکڻ تي مجبور ڪيو ۽ مان انهن لفظن جي ڇانوَ ۾ پناهہ وٺي پاڻ ڪي محفوظ سمجهيو... مان لکڻ ۾ ڪيتري بہ بي باڪ ۽ بهادر آهيان پر اندر ۾ ننڍڙي ٻار جيان خوفزده آهيان. اڄ بہ سماجي رويا ڊيڇاريندا آهن مردن جي هِن سماج ۾ عورت جو بي باڪ ٿي لکڻ يا ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ واقعي پهَڻ سان پيرَ پٽون ڪرڻ جي برابر آهي. عورت جي هر احساس ڪي صرفَ عورت سمجهي محسوس ڪيو ويندو آهي ۽ عورت جي هر نظرئي ۾ هُن جو ڪُٽل وجود ئي نظر ايندو آهي ۽ هن جي تخليقن ڪي پنهنجي انائن جي الزامن جي ترازوءَ ۾ توري ماپيو ويندو آهي. تخليقن جي انهيءَ نظرئي جي آڌار تي ماپ طور ۽ پرک اسان ڪي ڪٿي وٺي ويندي....؟

ڪنهن ڪان ڪيرُ سِڪي؟ هرڪو ڏاهو ٿي پيو!

حسد جي ڏوري پيو، ويٺو روز ڇڪي.
هرڪو ڏاهوَ ٿي پيو!

ڪيستائين اسان انهيءَ پرک جي آڌار تي پاڻ ڪي ڏوهي تصور ڪنداسي...؟ اسان جا ساڃاهہ وند اديب ڇا صرف اهو ادب تخليق ڪري رهيا آهن...؟ يا تنقيد جا زاويا ۽ پيمانا مقرر ڪن ٿا....؟ ڇا خاموش ٿي ويهي رهجي.... يا ايتري سهپ پاڻ ۾ پيدا ڪجي جو لفظ بارود بڻجي پاڻ ڳالهائن....!

کُوڙَ وَرايو واٽَ تي، ڪيئن نہ آنءُ لُڇان؟
عالم ڪنگن جو ٿيو!
ڪونهي خوف ڪروڌَ جو، پيئي سچ چَوان.
عالم ڪُنگن جو ٿيو!
سچ جي سِٽَ سِٽَ ساهہَ سان، لُڇيو روز لِڪان،
عالم ڪنگن جو ٿيو!

مان ان ڳالهہ کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪندس تہ شاعري الهام ٿيندي آهي. شاعري نِجُ يوڳنا جو نانءُ آهي جوتہ مان خود يوڳنا جي آويءَ ۾ پچندي ذهني پيڙا مان گذرندي شاعريءَ کي تخليق ڪيو آهي.

روهن جو رستو ڏکيو، تنها جيءَ ڪَٽيو.
راهون ساڳيون رُوحَ جون.
پَهڻن جي هِن پند تي، آهي جيءُ ڦٽيو.
راهون ساڳيون رُوحَ جون.

انهن رستن تي هلندي مون کي محسوس ٿيو آهي تہ واقعي ڪجهہ پند احساسن جا هوندا آهن تہ ڪجهہ الڪن جا ۽ ڪجهہ اوسيئڙن جا تہ ڪجهہ جيءَ کي جهوريندڙ روين جا ۽ ڪجهہ پند روحن جا هوندا آهن جنهن ۾ پير ضرور ڦٽون ٿيندا آهن پر روح ڪڏهن بہ ٿڪبا ناهِن.

منهنجا جيجل ماءُ، پَهَڻَ پيرَ ڦٽون ڪيا!
وِڪَ وِڪَ پاتو راهہ ۾ آيل! مَون ايذاءُ.
پَهَڻَ پيرَ ڦٽون ڪيا!
اکين سانديا حوصلا، ڪونهي ڪو سوداءُ.
پَهَڻَ پيرَ ڦٽون ڪيا!

مان بہ پاڻ سان جهيڙيندي 1987ع کان لِکي رهي آهيان. منهنجي جيوَن جو هر درديلو لمحو هر لڙڪ، هر سپنو منهنجي فطرت جو هر رنگ شاعريءَ ۾ موجود آهي. منهنجي



شاعريءَ جو خاص طور موضوع ڌرتي ۽ سرتي رهيو آهي... ڌرتيءَ تي رهندڙ ماروئڙن جا لڙڪ ۽ ٽهڪ مون لاءِ هميشہ اهميت ڀريا رهيا آهن ۽ عورت منهنجي اندر ۾ وسي ٿي ان ڪري عورت جي احساسن کي مون گهرائيءَ سان محسوس ڪري لکيو آهي. خالص وائُن تي مشتمل منهنجو هي ڪتاب منهنجي اندر جي ڪيفيتن ۽ وارتائن جو اظهار آهي.

آخر مان مانواري محترم امداد حسينيءَ جي دل سان ٿورائتي آهيان جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي منهنجي ڪتاب تي پُر اثر مهاڳ لکيو. محترم ادل سومري ۽ مانواري اياز گل جون ڪوڙ ساريون مهربانيون جن منهنجي ڪتاب تي خوبصورت تاثر لکيا. مان ٿورائتي آهيان مانواري شاعر آسي زميني ۽ ڀيڻ شبانہ عالماڻيءَ جي جن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل لاءِ پنهنجا تاثر لکيا.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت

**فرزانا شاهين**
بي 133 اسٽريٽ 4 اخوت نگر
ايئرپورٽ روڊ سکر






## موجوده دور جي ترجماني ڪندڙ
## فرزانا شاهين جا بيت

بيت سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي ڪلاسيڪي صنف آهي. ان صنف ۾ تمام گهڻي وسعت آهي. وڏي ڪان وڏو خيال ۽ گهرو فڪر ٻن مصرعن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. شيخ اياز بيت ۾ ٻوليءَ توڙي فڪر جي نسبت سان گهڻي جدت آندي آهي. جن شاعرن بيت ۾ ڪلاسيڪي لغت استعمال ڪندي، ساڳين استعارن ۽ تمثيلن جو ورجاءُ ڪيو آهي، اُهي پنهنجي انفراديت قائم نہ ڪري سگهيا. فرزانا شاهين جا بيت موجود دوُر جي ٻولي، روين ۽ روايتن جي ترجماني ڪن ٿا اُنهن ۾ فڪري ۽ فني توازن موجود آهي. اظهار جو انداز سادو ۽ خيالَ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. انهن بيتن ۾ داخلي توڙي خارجي ويچار سمايل آهن ۽ فرزانا شاهين انهن ٻنهي ڪيفيتن سان بهتر انداز ۾ نباهيو آهي.

**ادل سومرو ـ سکر**

ناهِن سوچون وقت سان، دانش عاقل جون،
سوچي ويٺي پُون، ڪيڏو وئرت ٿو جيئي!

........

ڏرتيءَ لئہ لوچي نہ ٿو، جيڪو پي انسان؟
انهيءَ جو ايمان، مايا مايا ٿو ڪري!

........

سڀ ڪو پنهنجي لاءِ ٿو ووڙي جڳ ۾ ساءُ،
ايرن ڪي ايذاءُ، ڏاڍو ڏيندو ٿو رهي!

........

ٻولي جَڳَ ۾ پيار جي جِنهن وٽ پي ناهي؟
ظاهر ٿي آهي اُن جي اندر اَنا!

........

دردن جون ڳالهيون ڪيون، درد وَندي! تون اَڃُ،
پُور ڪٽي تون پَڃُ پنهل جو هر پاند ۾.

........

ڪانيارن جي چانوَ ۾ ڪهڙي مجوتي!؟
جذبن جي جوتي ٻاري رک تون روح ۾

........

ڪُرسي گهرجي يا وري، ادب منجهہ ڏڙو،
مخلص جيءُ چَڙو، جُهرندو جهيڙن ڏي ڏسي!

........

جيوَن جو ٿيندئي سُرخرو پيار ڪري ڏسجانءِ،
ساهہ پري ڏسجانءِ، قربن جي سنسار ۾.

........

لهرون جيئن مهراڻ ۾، تنهنجون سارون تيئن،
آنءُ وساريان ڪيئن، تنهنجي تات تنوار ڪي!؟

........

آڌيءَ رات اُٿي پيا، سارا سُورَ مِٺا،
تنهنجي لاءِ ڏٺا سپنا سانڍي ساهَہ ۾.

........

ڪير چوي ٿو هڪ دفعو ٿيندو آهي پيار؟
ساهَن جو سنسار، آهي سرتيون! پيار سان.

........

سهٽي ٿي اوتار مان تَرندي ايندي‌س آنءُ،
مون کي محبت ڏانءُ، جيئڻ جو جڳ ۾ ڏنو.

........

خوابن وانگي زندگي، ويندي آ گذري،
ويندي آ وسري، ساعت جيوَن جاڙَ جي!

........

هڪڙو ناهي ڏينهن جو مُرڪي ڏار ٿيون،
هڪ ئي پيار ٿيون، جيسين ساهِن سلسلو!

........

دوکي جي دل! هي دنيا، ناهي سات سچو،
سڀ ڪو قول ڪچو، جيئندو آهي جاڙ سان.

........

سُک جو ساهہ ڪٽان ملي، اوڪيءَ ڪان جي ونجهہ،
مونسين تنهنجا ڏنجهہ، رهندا آهن روحَ ۾!

........

آسُون جي انسان ۾ رکندو آ انسان،
وٺندو آ انسان، سُور سدائين سوچ کان!
........
چانڊوڪيءَ ۾ چاھہ جو چوريو چنگ جڏھن،
سُڏڪيو سُور تڏھن، منھنجي اندر مان اديون!
........
آئين ڪونہ اڃان پرين! ويندي رات ڪُٺي،
ناھِہ باک ڦُٽي، اوسيئڙي جي ويلَ آ!
........
تارن ۾ ڇو ٿو تَڪين؟ ڌرتيءَ تي آھيان،
ناھيان مان ناھيان ٿيٽي ڌرتيءَ کان پري!
........
جي تون چاھين جيئري مون کي مان چاھيان؟
آھيان مان آھيان، صدين جي ڪائي صدا.
........
ناھي ڌرتيءَ بات ڪا ناھي پيار پچار،
ڪيڏا ھَن سنسار، رستا جوڙيا جاڙَ جا!
........
ڪونھي جيءُ! ڪلال ڪو ناھِن مئخانا
آھن فرزانا، ويرانا ھرَ واٽَ تي.
........
توسان ناتو نينھن جو توسان جُڙيو جيءُ،
پُر پُر پيالو پيءُ، اڪيون ٻوٽي پيار جو!
........



سِتَ سِتَ سُر جي پيار سان ماڻيو تن ۾ ساءُ،
ڏَاتر ڪَان ڪھڪاءُ، مون کي مِليو ڀاڳَ ۾!
........
ڏات ڏنو ھن ڏيھہ ۾ مون کي سُور سدا،
آھي نور سدا، نت نت نيڻن ۾ رھيو!
........
نت نت نيڻن ۾ رھيو آھي ساڻ قياس،
آھي عشق، احساس، سانڍيو سرتيون! ساھَہ ۾.
........
سڪڙن جون سنسار ۾ پيرو ڪونھي ڪو،
ديرو ڪونھي ڪو، خوشين جو ھن خاڪ تي!
........
ڌرتيءَ جي ڇو ڳالھہ کي وساريون ويٺا،
سيکاريون ويٺا، پاڻ پڏائڻ پاڻ کي!
........
سارو لوڪ سُتو مگر، جاڳي ٿو ڪوئي،
عالم جو سوئي، مالڪ خالق آ پرين!
........
رَتُ ولوڙي تي لِکان، پنھنجي دردَ ڪِٿا،
مون سان جيءَ وفا، ڏسجي ڪيسين ٿو ڪَري!؟
........
پاسي مان مھراڻ جي ويٺي آھيان آءُ،
ريتن جو درياءُ، اوڪو ڪندين پار تون!؟
........

جيوَن پر جا ٿي ويا ڪوڙين افسانا،
هڪڙي فرزانا موضوع ڪيئي ٿي وئي.

........

سات ڇڏي سارون ٿيا، وقت ويو ڇو هو،
اندر ڪي لوهو، هاءِ وڇوڙو ويو وري.

........

آهي ويل اها پرين! پوءِ نہ ڇاٽي ڪير؟
محبت جهڙو خير، آهي ڪهڙي شيءِ اندر!
؟

........

آسون آٽي پاڻ سان اُپريو آهي سِڄُ،
مون وٽ آهي نِڄُ، اُلڪو اديون! ديسَ جو.

........

“فرزانا” ٿي ڏيهہَ ۾، ماٽيا سُور هزار،
ساجَنَ! تو جي سارَ، ناهي لَڏي شاهين جي!

........

سُورن ۾ گهاريون پيا سُک نہ ڏي امداد،
پنهنجي ڪا فريادَ، ڪوبہ نہ سُڻندو ڏيهہَ ۾!

........

پاڻ قبولي طالبي، جڳ ۾ سڀ بي دادَ،
آخر جيءَ جلاد، نيندا ڦاهي گهاٽَ ڏي.

........

هرڪو پنهنجو پاڻ ڏي پير پيو سوري،
ڪونہ پيو اوري، ڳالهيون ڏکندڙ ساهہَ جون.

........



سينگارن درگاهہ ٿا، ويساريون اِنسان،
اندن جو ايمان، ڪونهي ڪو انسانَ تي.

........

مسجد مندر ۾ نہ ٿي گڏجي حق جي ذات،
پائج من ۾ جهات، راٽل آهي روحَ ۾.

........

خاڪي صورت دل پٿر ماٿهو! ڇو آهين؟
فرزانا شاهين ڪنهن بہ تہ ڇاتو ڪين ڪي.

........

جيڪو آيو پاڻ ڏي، سوئي پانءِ نصيب،
پنهنجو پاڻ قريب، ازلئون آهي پاڻ سان.

........

لازم آهي قرب ۾، دل جو من اظهار،
خاموشين جو ڇار، ويڙهي ويندئي جيءَ ڪي!

........

تنهنجي نيٽن ۾ ڏٺو موجن سان مهراڻ،
چوڏهينءَ جي چانداڻ، تنهنجي ڪاڻ سِڪي پئي!

........

ڪارو سارو اُڀ ٿيو گڏيون گهٽائون،
ڏرتيءَ تي آئون سارنگ لاءِ سِڪان پئي!

........

ڏرتي وانگي معتبر ٿيندو آ احساس،
ڏيندو آ احساس، سرت سدائين سورَ جي.

........

ويسورا هِن ساهہ کي، آخر ماريندا،
هَنجون هاريندا، نيڻ نماڻا سانت سين.

........

پل پل تنهنجي آسري ڪاٽيندي آهيان،
ناهيان مان ناهيان واندي ڪو پل يادِ ڪان.

........

گوندر پيي چڻ درس هن جيون! سڪندو هل،
باقي آهي پل، سامهون صبح سوجهرو.

........

ڪنهن سان ڪونهي دشمني، آهي سڀ سين پيار،
هيءُ نہ پنهنجو پار، هيج هڙئي هِت عارضي!

........

تنهنجا سارا رنگ هن منهنجي جيوَن ۾،
نيڻن جي بَن ۾، آسون گُلَ ڦٽي پيا.

........

دنيا ڇاڻيِ ڇا ڪندي مون کي تو سمجهو؟
اکڙين ۾ اُلڪو تنهنجي لئہ تڙپي پيو.

........

توسان ناتو ڪيئن ۽ ڪاٽي آهِہ جُڙيو،
جڳ ۾ ناهِہ جُڙيو، ساهہ سدورو ساهہَ سان!

........

دل ۾ ڪو جذبو نہ هو جاني! توڪان پوءِ،
ايڏو تون مَ ڏکوءِ، دوريون ديدن کي ڏئي.

........

توسان ڳالهيون هانوَ جون اوريندي آهيان،
سوريندي آهيان جذبا توڏي جيءَ جا!

........

ايڏو ڏُور هلون وري، ورندي وقت لڳي،
جاتي جيءَ تَڳي، تاتي جوڙيون جهوپڙو.

........

جاتي پيار پچار آ، تاتي جوڙيون جاءِ،
جيوَن جڳ ۾ ساءِ صدين جيڏا سُور ڇو!؟

........

خوابن وانگي زندگي، ويٺو لوڪ ڪَٽي،
ڪنهن جي لاءِ ڇَٽي ساڙَ سندو ٻج ٿو سدا!؟

........

قربن جو ڪلمو سچو، ويٺا ويساريون،
دليون ٿيون ڪاريون، اندر سان انسان جون.

........

سنڌڙي منهنجو چاهہ ۽ چوليون هن سارون،
تڪيون هي تارون، تاريندي‌ون تاريخ ۾!

........

اوڪا سڀ اوڪا هتي، سمجهي ڪنهن کي ڪير؟
ظاهر آهي خير، اندرَ ۾ ويٺل وِڇُون!

........

جي تون آهين ڏور پو مون ۾ آهي ڪير؟
ناهي تنهنجو پير، پوءِ بہ تات تنوار تون.

........

سوچون ميريون ٿي ويون سُڌڪي سچ شَعُور،
اهڙو ڪيس ڪلور، ماڻهوءَ سان ماڻهوءَ ڪيو!

........

چنڊ ستارا سانت ۾ ڳالهائي ڌرتي،
ٻاڏائي ڌرتي، قادر قدرت ڪي پئي.

........

دليون ويجهو ڪونہ ٿيون آهن هٿ ڪٺا،
ڪونهي قرب لڪا، ماڻهو! راضي مير ۾.

........

چوڏهينءَ چنڊ چٽو ٿيو، آئين ياد پرين!
ٿي دل شاد پرين! سُور سجائي سارَ سان!

........

تارن تارا پئي تڪيا، اُلڪا ها اڌ رات،
آخر مون کي ذات، سُڏڪائي ساڻو ڪيو!

........

پورهئي ۾ ئي زندگي گهاري ٿو مزدور،
ماري ٿو مزدور، همت ۾ هر جاءِ تي.

........

جنهن جو ٿا ڪائن پيا، تنهن جا ڳُڻَ ڳائين،
فرزانا شاهين، ماڻهو! اوڪا هِن رهيا!

........

ويندي ساروٽيون ڪٽي نيٽن ۾ نت نينهن،
باقي ٿورا ڏينهن، ”سڪر“ ۾ هان سرتيون!

........



ناهي ويل وجود ۾، توريءَ ڪائي تات،
مون کي ڏينهان رات، تنهنجي تانگهہ چڏي نہ ٿي.

........

توريءَ هن سنسار ۾ ڪجهہ ڀي نيڻ ڪين ڏٺو،
منهنجو ساهہ وٺو، آهي تنهنجي تات ۾.

........

ڌرتي! تو هر جيءَ کي جايون خوب ڏنيون،
اکيون ميڻ ڀنيون، آيل! تنهنجي پيار تي.

........

اونداهي اڌ رات جي، ورتيون هَلُ تون ساڻ،
هاڻي پنهنجو پاڻ، بار لڳي ٿو ڀونءِ تي.

........

ساٿي! ويندس آنءُ جو، توکان ڏاڍور ڏُور،
تو وَٽ منهنجو پُور دائم رهندو رُوحَ ۾!

........

گذري ويندي زندگي، توبن ڏنجهن ساڻ،
يانن ملندو ياڻ، ياڳيلي هِن ڀُونءِ تي!

........

جذبن جوتي مُون رَکي، ٻاري تنهنجي لاءِ،
هاڻ نہ تون ترساءِ، ديدن کي او دلربا!

........

14 www.sindhsalamat.com پهَڻ پيرَ پِٿون ڪيا






## ڏرتي تنهنجي جهول ۾!

ڪجھ سالن ۾ شاعرائن جي هڪ وڏي ۽ سگهاري کيپَ، سنڌي شاعريءَ کي نصيب ٿي آهي. فرزانا شاهين انهن مان هڪ اهم نالو آهي، جنهن ٿوري وقت ۾ پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪري ورتي آهي. ائين بہ آهي تہ اها سڃاڻپ ڪنهن بہ تخليقڪار لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي.

فرزانا شاهين ٻين شعري صنفن جيان وائيءَ کي بہ، پنهنجي اظهارَ جو ڪامياب ذريعو بڻايو آهي - پاڻ سان پيارُ، پنهنجن سان پيارُ، ديسَ سان پيارُ، ديسَ وارن سان پيارُ ۽ انسان دوستي سندس واين جو خاص گڻ آهي.

مُرڪي مهل ملهاءِ، جي تون آهين سنڌُ جو!

هيءَ بہ ڪهڙي ننڊَ، هيءَ بہ ڪهڙي رات؟
سوچون سَڀ سُمهي پيون!

تون ئي جوتي جاڳَ، تون ئي ننڊَ قرار جي!

امڙ جهڙو مون ڏٺو، آهي پَوتر پيارُ.
ڏرتي تنهنجي جهولَ ۾!

سنڌيءَ ۾ هن وقت سرجندڙ وائيءَ جا سڀ مروج گهاڙيتا، فرزانا شاهين پنهنجن وائُن ۾ استعمال هيٺ آندا آهن، سندس وايون ردم ۽ معنويت سان ڀرپور ۽ اجائي لفاظيءَ کان پَرڀريون آهن - شاعرن جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاعرائن کي اظهار جو کُليل آسمان گهٽ نصيب ٿيو آهي. ان کي آئون سندن تخليقي ڪمي گهٽ، سنڌي سماجَ جي ڪمي ۽ ڪمزوري وڌيڪ سمجهان ٿو تنهن ڪري بہ مون کي فرزانا شاهين جي شاعري وڌيڪ متاثر ڪري ٿي.

**ايازگل - سکر**

تِيا نيڻ نِراسُ، اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!

ويڙهي ويو وجود کي، وک وک تي وشواسُ.
اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!

اندرَ مان اوتي لڪان، سُورن جو اتهاس.
اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!

پاتو ڪارو ويسُ آ، اوندهہ سان آڪاسُ.
اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!

ڪهڙي ڪارڻ تي ڪٽيان، پينر! مان بنواسُ؟
اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!

ويچاريءَ کي هوتَ جو، نينهن نہ آيو راس.
اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!

"فرزانا" رڳ رڳ رڙي، تڙپي ٿو احساسُ.
اُلهيو سج اُلڪا ڏئي!



ڏرتيءَ درد هزارَ. اَزلئون آهن لوڪ جا!

ڏرتيءَ جي سِرَ تي رهيا، ڏسُ ڏسُ ڀاري بارَ.
اَزلئون آهن لوڪ جا!

اَيرن جي چڻ هانوَ ۾، واسينگن جيئن وارَ.
اَزلئون آهن لوڪ جا!

منهنجون وايون شعر سڀ، وکَ وکَ تي غمخوارَ.
اَزلئون آهن لوڪ جا!

"فرزانا"! خود سان رهيا، توبهہَ هي تڪرارَ.
اَزلئون آهن لوڪ جا!

چوڏهينءَ جهڙو چاهُ. ڀيڙا لائيندو ٻني!

ڀوڙيندو هي ڪينڪي، محبت جو درياهُ.
ڀيڙا لائيندو ٻني!

رَڪُ دل ڪي پختو پرين! ويڙهي تون ويساهُ.
ڀيڙا لائيندو ٻني!

سنڌڙي! تون اُلڪو نہ ڪر، ساٿي سُهڻو شاهُ.
ڀيڙا لائيندو ٻني!

ڪين ڀِيو دَرُ مون ڏِٺو، "فرزانا"! الله.
ڀيڙا لائيندو ٻني!



منهنجا جيجل ماءُ، پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

وک وک پاتو راهہ ۾، آيل! مون ايذاءُ.
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

اکين سانديا حوصلا، ڪونهي ڪو سوداءُ.
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

ناهي سُکَ جو چانورو، سُورَ وڌائن تاءُ.
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

ٿيندو ڪوهَن ڪي پلا، ڪهڙو ڪو کهڪاءُ؟
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

سرتيون! چاٽان تي پئي، نت نت نينهن نياءُ.
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

ويل نہ سنيران مان ڪِتي، عمر سچيءَ ۾ ساءُ.
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

"فرزانا" پنهل! رَڙي، ماڳين موتي آءُ.
پَهڻ پيرَ پِٽون ڪيا!

ڪنھن جو ڪيسين سُور، سانديندين تون جيئڙا؟

ساڻ نہ ھلندو توڙ ڪو، دنيا جو دستورُ.
سانديندين تون جيئڙا؟

ھُو تہ پرائو ئي ھئو، ڪيسين پيارا پُور.
سانديندين تون جيئڙا؟

اکيون روئندئي رت ڦڙا، جڳ جو ڪِيس ڪلورُ.
سانديندين تون جيئڙا؟

کھڙو ڦل ڏيندئي اِھو، ھٿ ۾ ٻپرن ٻورُ.
سانديندين تون جيئڙا؟

پيارَ سِوا ھرڪو اٿئي، جذبو چڻ معذور.
سانديندين تون جيئڙا؟

"فرزانا" دوکي دغا، جھڙو چا منشورُ!؟
سانديندين تون جيئڙا؟



دنيا جا دلگير، دل ڪان وسرن ڪين ٿا!

ڏرتيءَ دردن جي اڳيان، بيٺي آ تصوير.
دل ڪان وسرن ڪين ٿا!

پُٽڙن جي سيني لڳل، گوليون، چاقون، جھير.
دل ڪان وسرن ڪين ٿا!

سي ئي ٿي ويا سرخرو، فڪري جيءَ فقير.
دل ڪان وسرن ڪين ٿا!

جذبا گھايل ٿي پيا، لفظ ھئا يا تير!؟
دَل ڪان وسرن ڪين ٿا!

جيئڻِ سُک ۾ شانَ سان، مارُو! منھنجا ميرَ.
دل ڪان وسرن ڪين ٿا!

"فرزانا" ھر جيءَ جي، نيڻن وُٺڙا نيرَ.
دل ڪان وسرن ڪين ٿا!

ڪيڏو آ سُنسان، ماڻهو! ناهِن جيئرا!؟

ڪيرُ ٻُڌي ڪنهن جي نہ ٿو، اوڪيءَ ۾ آذان.
ماڻهو! ناهِن جيئرا!؟

ماري پيو ٿو ماٺِ جو، وک وک تي شمشان.
ماڻهو! ناهِن جيئرا!؟

ڌاريا ٿيا ڌرتيءَ ڌڻي، ڪونهي ڪنهن جو ڌيان.
ماڻهو! ناهِن جيئرا!؟

خالي خالي ٿو لڳي، محبت جو ميدان.
ماڻهو! ناهِن جيئرا!؟

فرزانا چُپِ ٿا سَهن، نادانا نقصان.
ماڻهو! ناهِن جيئرا!؟



ڳوڙها ڳوڙها ساهہُ، سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

ڪيڏا ڏي ٿو حوصلا، بيتن ۾ ڀٽ شاهہ.
سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

ڦُرجي لُٽجي آ پُڳو، ڪاٿان ڪان درياهہُ.
سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

داڻا گهر پوتارَ جي، مارو! ڳاهِن ڳاهہُ.
سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

ميرو ٿيندو قرب جو، ويل نہ هي ويساهہ.
سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

دردَ گواهي ٿا ڏين، هر دل پيارَ اٿاهہُ.
سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

"فرزانا" ڏس قوم جيئن، باندي پنهنجو چاهہُ.
سورَ وندي ساڻيهہ ۾!

ظاهر ٿيو ايمان، ماياڪاري ٿي مٿي!

ڪيڏو ننڍڙو ذرَ اڳيان، ٻڏيو آ انسان.
ماياڪاري ٿي مٿي!

ڪيئن شرافت تي ڪِري، گيدي ٿو دهمان!
ماياڪاري ٿي مٿي!

مفلس جي نيڻن اندر، هيڪل هر ارمان.
ماياڪاري ٿي مٿي!

چورن لئہ آزادگي، پاڳين لئہ زندان.
ماياڪاري ٿي مٿي!

پيارُ جُوا جيئن هارِيو، دل جو ٿيو نقصان.
ماياڪاري ٿي مٿي!

ڪوڙي سڏجي ڪوڙ جي، ڪاٿي پئي آذان؟
ماياڪاري ٿي مٿي!

"فرزانا" بي زر سندو، هارايل فرمان.
ماياڪاري ٿي مٿي!



ميڙيو آهي مون، داڻو داڻو درد جو!

توکي سڀ خوشيون ڏيان، ها پر ڏيندين تون؟
داڻو داڻو درد جو!

توکان پوءِ ٿِيون سيئي، اکين جون آسون.
داڻو داڻو درد جو!

پوئي مالها ڳل وجهان، ڏي تون منڙي پُون.
داڻو داڻو درد جو!

مون کي هِن ڏينديون رهيون، اَيرن جون آهون.
داڻو داڻو درد جو!

ميڙيندي ٿڪجان نہ ٿي، محبت جون راهون!
داڻو داڻو درد جو!

"فرزانا" جاڳُون ڇڏيئي، سانديو دل تاڪُون.
داڻو داڻو درد جو!

توسان ڏات ڪَٿي، هنجون هارِ نہ هيڪلي!

هُو ڏس تارن سان ڀري، آهي رات ڪَٿي،
هنجون هارِ نہ هيڪلي!

راڻل جي هر جاءِ تي، آهي ذات ڪَٿي،
هنجون هارِ نہ هيڪلي!

جيءَ ۾ جوڳين جي الا، پل پل تاتِ ڪَٿي،
هنجون هارِ نہ هيڪلي!

ڏيندي جڳ ۾ حوصلا، آ جذبات ڪَٿي،
هنجون هارِ نہ هيڪلي!

سڏڪڻ ڇڏ "شاهين" تون، لوري لات ڪَٿي،
هنجون هارِ نہ هيڪلي!



عمر تہ گذري وئي، ڳالهيون دائم ڏيهہ ۾!

چوٽ ڏني ڪِنهن ڪِنهن هئي، ڪَرت سا وسري وئي،
ڳالهيون دائم ڏيهہ ۾!

ايذاوَن سان دل منجهان، آهہ جو نڪري وئي،
ڳالهيون دائم ڏيهہ ۾!

ساٿَ وڃائي زندگي، ڪيڏو وڪري وئي،
ڳالهيون دائم ڏيهہ ۾!

سُوريتي هر سُورَ سان، تنها نبري وئي،
ڳالهيون دائم ڏيهہ ۾!

"فرزانا" بلبل هئي، آخر اُڏري وئي،
ڳالهيون دائم ڏيهہ ۾!

آهي عورتَ وَس، ڪهڙي عزت مردَ جي؟

عورت هر رشتو اٿئي، چندين ڪهڙو ڏس!
ڪهڙي عزت مردَ جي؟

غيرت نالي مردَ کي، آهي ڪاوڙ بس،
ڪهڙي عزت مردَ جي؟

شڪتي تنهنجي عزت جي، آهي مون وٽ ڪس!
ڪهڙي عزت مردَ جي؟

تو تہ بڻايو نارِ کي، ريتن ۾ بيوس!
ڪهڙي عزت مردَ جي؟

مرد جي عزت نارِ وَسِ، ازلئون آهِ وٽس!
ڪهڙي عزت مردَ جي؟

"فرزانا" سگهہ جي اٿئي، عزت پنهنجي ڪس،
ڪهڙي عزت مردَ جي؟



ڇُڙواڳي ٿي عام، آزادي ڪنهن کي ملي؟

آخر جنگ، ڪروڌ ٿيو، امن سَندو پيغام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

اُلڪا اگني ٿي ويا، ڪونهي ڪو آرام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

عورت ورتو مرد ڪان، آهي انتقام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟
ساڳي نارِ سماج ۾، ويچاري بدنام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

رسمن جي راهُن مٿي، ناريءَ جو قتلام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

ريتن جي هر دؤرَ ۾، ساڳيو قيد ڪلام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

جذبن ۾ آهي رهيو، محشر ۽ ماتام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

دردن جو هر جاءِ تي، آهي زور تمام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

نظريو ڏاهيءَ جو ٿيو، ناحق ڙي ناڪام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟

“فرزانا” هر گام تي، عورت ئي الزام،
آزادي ڪنهن کي ملي؟



سڙيا سُڪَ وري، ساوا ٻيهر ڪونہ ٿيا!

باهِ ڏُڪر اهڙي ڏني، سرتيون! سڀ ٿري،
ساوا ٻيهر ڪونہ ٿيا!

سڙيا آهن اُسَ ۾، ٻُتا جيءَ ڳري،
ساوا ٻيهر ڪونہ ٿيا!

خوابَ پنن وانگي سُڪي، بيٺا تارِ تري!
ساوا ٻيهر ڪونہ ٿيا!

جذبا ڪوسا جيءَ جا، ويئڙا نيٺ ٺري،
ساوا ٻيهر ڪونہ ٿيا!

“فرزانا” باغن اندر، پيئي آڳ ٻَري،
ساوا ٻيهر ڪونہ ٿيا!

ڪونهي گهرجَ غُرور، ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

ڳوڙها ڳالهيون ٿي پيا، آيو سُورُ سُرور،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

درد ڏٺا دلين اندر، مليو اهڙو نُور،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

جذبا ڇرڪن هر گهڙي، ٻٽيو من تندورُ،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

ساهہَ سنيارن سنڌڙي، پيارو آهي پُور،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

آجو گهرجي آدمي، هيءُ مِلي منشور،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

ڪهڙيون مرڪون ماٺيون؟ اتڪيل آ عاشور،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!

"فرزانا" ڪان حوصلو، ويل نہ ويندو دورُ،
ڏاتر! تنهنجي ڏات ۾!



ڪڙڪيا گيدي غيرَ، جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

سسئي پنهنجي سنڌڙيءَ، آيا ڏاڍا ڏيرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

آسُن جي هِن راهہَ تي، ٿيندي ڪونہ اَويرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

ٿيندي دهشت ڏُوڙ ۾، هونديون خوشيون خيرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!
ڀاڳين جي گهرڙن مٿان، چورن ڪيا قيرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

ويل وئي ناهي اجا، ڪوليو اک سويرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

صدين جي ٻڌجي صدا، گونجيو پٽ! دليرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

لوچي لهندا ماڳَ ڪي، آخر پنهنجا پيرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!

"فرزانا" مارِن پيا، هيڏا انڌ انڌيرَ،
جاڳو ڌرتيءَ جا ڌڻي!



ڌرتيءَ لئہ لڪندي، منهنجي ڏات وڏي پئي!
منهنجي ڏات وڏي پئي!

خيالن جي بن بن اندر، هيڪلڙي هلندي،
منهنجي ڏات وڏي پئي!

ڳوڙها آيل ماءُ جا، چپڙن سان چُمندي،
منهنجي ڏات وڏي پئي!

ڏاترَ جي هِن ڏيهہَ ۾، ڏڪندن سان ڏڪندي،
منهنجي ڏات وڏي پئي!

اَيرن جي ايذاوَ سان، ڌرتيءَ جان لُڇندي،
منهنجي ڏات وڏي پئي!

تخيل جي سنسارَ ۾، جذبن سان وڌندي،
منهنجي ڏات وڏي پئي!

"فرزانا" پٽ شاهہ جي، بيتن کي پڙهندي،
منهنجي ڏات وڏي پئي!

هليا هنج هتان، عالم ڪنگن جو ٿيو!

اُجياري اک ناهہ ڪا، ويٺي ڏُور ڏسان،
عالم ڪنگن جو ٿيو!

ڪوڙ ورايو واٽ تي، ڪيئن نہ آنءُ لُڇان؟
عالم ڪنگن جو ٿيو!

ڪيسيتائين دل سڙي، هِتڙان ڇونہ اُٿان؟
عالم ڪنگن جو ٿيو!

ڪونهي خوف ڪروڌ جو، پيئي سچ چوان،
عالم ڪنگن جو ٿيو!

سچ جي سٽ سٽ ساهہ سان، لُڇيو روز لکان،
عالم ڪنگن جو ٿيو!

”فرزانا“ ڏورانهن هلون، ڪٿ ڪٿ تيز وڪان!
عالم ڪنگن جو ٿيو!



ڪهڙو تِنهن جو نورُ؟ سُورَ نہ سمجهي لوڪَ جا!

آهي جيءُ سُڪائتو، احساسن کان دُور،
سُورَ نہ سمجهي لوڪَ جا!

جيڪو پنهنجي ذات لئہ، پالي ويٺو پورُ،
سُورَ نہ سمجهي لوڪَ جا!

جنهن ۾ اوندهہ انڌُ سو، گُهرجي ڪونہ شعور،
سُورَ نہ سمجهي لوڪَ جا!

”فرزانا“ تنهن جيءَ جو، ڪونهي ڪوبہ ضرور،
سُورَ نہ سمجهي لوڪَ جا!

ڪونهي ويل قرارُ، سُورن ويڙهيو ساهہَ ڪي!

آتو اندر جو رهيو، سارو ئي سنسار،
سُورن ويڙهيو ساهہَ ڪي!

ڪونهي ٻيو ڪو آسرو، ڌرتي! ٿي غمخوار،
سُورن ويڙهيو ساهہَ ڪي!

آخر ثابت ٿي پِيو، ڪوڙو تنهنجو پيار،
سُورن ويڙهيو ساهہَ ڪي!

نيٺ تہ پُڄندا ڏينهڙا، ڪو دم هان لاچار،
سُورن ويڙهيو ساهہَ ڪي!

"فرزانا" سپنا سڙيا، ڪهڙي مند بهار!؟
سُورن ويڙهيو ساهہَ ڪي!



مون ڪي ماريندين، اونداهيون چُپ چاپ ۾!

سارُون ساهہ سَٽين ٿيون، تن سان هِن ايندين،
اونداهيون چُپ چاپ ۾!

سرت نہ تنهنجي ڪا پرين! اُلڪا هِن ڏيندين،
اونداهيون چُپ چاپ ۾!

ايري چنبہ نہ قربَ جو، ظاهر هَن ٿيندين،
اونداهيون چُپ چاپ ۾!

چين ڪٽي من جو سچو، راٽا هِن ويندين،
اونداهيون چُپ چاپ ۾!

"فرزانا" ناهي پَتو، ڪاڏي هي نيندين؟
اونداهيون چُپ چاپ ۾!

چا ۾ نيٺ نجات؟ چو تون سوچين ڪونہ ٿو!؟

ڪاڏي خرچ ڪرين پيو، ڏاتر واري ڏات!؟
چو تَون سوچين ڪونہ ٿو؟

اٽڪين پٽرن ساڻ ٿو، ايري تنهنجي ذات،
چو تون سوچين ڪونہ ٿو؟

ويٺي ملندي ڪينڪي، جانيئڙا! پريات،
چو تون سوچين ڪونہ ٿو؟

ماري پيئي ماٺ ۾، هئہ هئہ ڪاري رات،
چو تون سوچين ڪونہ ٿو؟

ڏرتيءَ لئہ وڙهہ وائڙا! مُور نہ ايندئي مات،
چو تون سوچين ڪونہ ٿو؟

ڪنهن لئہ ٺاهين خواب جي، وينو ٿو محلات!؟
چو تون سوچين ڪونہ ٿو؟

"فرزانا" ڪو دم اٿئي، جوين ۽ جذبات،
چو تون سوچين ڪونہ ٿو؟



تڪيو تارن رات، سارُون سڏڪن جيءَ سان!

هر هر ياد اچين پيو، ماري ماٺ ممات،
سارَون سڏڪن جيءَ سان!

سٽيو ساهہ ڦٽڪيو پوَن، مٺڙي ڪوئل لات،
سارون سڏڪن جيءَ سان!

ننڊ نہ آئي رات جو، لڇندي ٿي پريات،
سارون سڏڪن جيءَ سان!

تولئہ پيارا! تڙپندي، ويندي هيءَ حيات،
سارون سڏڪن جيءَ سان!

سرتا! آهي ساهہَ کي، تنهنجي ئي فڪرات،
سارون سڏڪن جيءَ سان!

ساءُ نہ "فرزانا" ڏنو، شاهد ڏاتر ڏات،
سارون سڏڪن جيءَ سان!

توکان پوءِ مِٺا! جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!

قسمت ڏيندي آ رهي، وک وک درد، ڏِکا،
جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!

سارُون تنهنجون ٿيون ڏين، دل کي سُورَ ٿَها،
جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!

توريءَ سک جا ڏينهڙا، ناهن جيءَ ڏٺا،
جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!

تنهنجي پُورن سان پرين، آهن نيڻ وَٺا،
جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!

ڪنهن نہ ٻُڌي هن ڏيهہ ۾، سُورن ساڻ صدا،
جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!

“فرزانا” هلندي الا، آخر ساهہ ٿَڪا،
جيئڻ، جيئڻ ڪونہ ٿيو!



لوپُ نہ چاڙهون ٿا، محبت جو آ مامرو!

سِرڙو سِڪَ ۾ گهوربو، پرکي ڏِس تون ها،
محبت جو آ مامرو!

ٻولي چاڙهون جيءُ جي، آهي خُوب لکا،
محبت جو آ مامرو!

جذبا سڀ تولاءِ هِن، تولئہ قربُ، ڪَٿا،
محبت جو آ مامرو!

جاچي ڏس تون مَنَ اندر، ڪونهي مندي ڪا،
محبت جو آ مامرو!

کهڙي حيثيت حِرصَ جي، ٿُڏيون ٿا مايا؟
محبت جو آ مامرو!

ناهي ڪُوڙ، جَفا رهي، آ هر ويل وفا،
محبت جو آ مامرو!

“فرزانا” جيئان مران، تولئہ روز مِٺا!
محبت جو آ مامرو!

ﭘﻮڳي ساهَہ سزا، ويچا ويري ٿي پَيا!

ايذائن رڳ رڳ پَيا، توڪان پوءِ مِٺا،
ويچا ويري ٿي پَيا!

سات سياڳا تو سِوا، ناهِن جيءَ ڏٿا!
ويچا ويري ٿي پَيا!

اُلڪن جي ماري پئي، مون کي ويل وَبا،
ويچا ويري ٿي پَيا!

خوف رهي ٿو هر پهر، چاڙي خُوب خدا،
ويچا ويري ٿي پَيا!

رويو آلي ٿي وئي، آهي دوست! رِدا،
ويچا ويري ٿي پَيا!

"فرزانا" ملهار ٿي، آهن نيڻَ وُٺا،
ويچا ويري ٿي پَيا!



ڏرتيءَ لئہ جيئندي، ڏيءَ "عروبا" هر قدم!

ڏِسندي ڏنجَهہ ڏُکائتا، ڏُکندن ڏي سُرندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!

ڳوڙها ساري سندُ جا، ماءُ جيان اُگهندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!

ﭘﺎڳوَندي هِنَ ﭘُﻮنءِ جا، ڳائي ڳُڻَ لکندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!

اَيرن سين انياءَ چو!؟ ڏاڍَ اڳيان ڪُچندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!

"فرزانا" هر گامَ تي، مون وانگي وَڌندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!

عروبا منهنجي مٺڙي دوست ۽ ڏيءَ

اندر جو آواز، تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

سُڏڪن سان پيو آ ڇِڙي، ساھَن جو سُر سازُ،
تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

اندَ انائن ۾ رھي، نوريءَ جھڙو نيازُ،
تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

نيڻن سان توکي ڏنو، رمزن ڀريو رازُ،
تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

ڏُکَ ڏرتيءَ جا وَيا لِکي، احمد شاھہ، اياز،
تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

جھرڪيءَ جان جھتجي وئين، عشق ازل کان بازُ،
تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

”فرزانا“ توکي ڪَري، اکڙين سان ايلازُ،
تو ٻي ڇاتو ڪينڪي!

احمد شاھہ: استاد بخاريءَ جو نالو
اياز: شيخ اياز ٻہ قومي شاعر



اکين ۾ آسون ڪٽي، اندر جو انسان،
تنھا ٿو مون سان رھي!

دُنيا ۾ جيئن سنڌڙي، دل جو تيئن ارمان،
تنھا ٿو مون سان رھي!

خوابن جو ويڙھو ڦِٽي، ويٺو ٿي ويرانُ،
تنھا ٿو مون سان رھي!

ھيڏي ساري ڏيھہَ ۾، سُوريتو سلطانُ،
تنھا ٿو مون سان رھي!

ڪيئن وٺي دل آجپو؟ يادن جو زندان،
تنھا ٿو مون سان رھي!

سوچون ساريون ٿيون سَڙن، حيرت جو شمشانُ،
تنھا ٿو مون سان رھي!

”فرزانا“ منڙو مندر، محبت جو ڀڳوان،
تنھا ٿو مون سان رھي!

ڪونهہ جيئاريندي، جيڏيون ماريندي،
اُوندهہ پنهنجي ديسَ ڪي!

ناهِن روشن ذهِن جو، هر دل ڏاريندي،
اُوندهہ پنهنجي ديسَ ڪي!

ڏاهي ڪا هِنَ ڀاتَ ۾، جذبا ڀاريندي؟
اُوندهہ پنهنجي ديسَ ڪي!

قومَ ٻُڏي ٿي مُونجهہ ۾، همت تاريندي،
اُوندهہ پنهنجي ديسَ ڪي!

"فرزانا" پٽ شاهہ جون، وايون ساريندي،
اُوندهہ پنهنجي ديسَ ڪي!



جيئن جيئن ڏينهن ٽَپي پيو، تيئن تيئن پيرَ ٽَپن،
ساهِيون ڪهڙيون ساهہَ ڪي!؟

پنهل! تنهنجي آسري، ماريو ناهي پَنڌن،
ساهِيون ڪهڙيون ساهہَ ڪي!؟

پينر! منهنجا پيرڙا، ماڳين شالَ رَسن،
ساهِيون ڪهڙيون ساهہَ ڪي!؟

منهنجو هوتُ نِيو هِتان، زوريءَ رات جَتن،
ساهِيون ڪهڙيون ساهہَ ڪي!؟

"شاهين" نيايو پيرڙن، مونسين رَتَ رَتن،
ساهِيون ڪهڙيون ساهہَ ڪي!؟

راڻا! تنهنجي ذاتَ کي، سڻ سڻ سڏڙا وو،
دل جي ڪاڪَ سڏي پئي!

آنءُ نہ ڄاڻان ميندرا، دم دم توکي چوا؟
دل جي ڪاڪَ سڏي پئي!

واڪا واڪا واءُ ۾، هانءُ پُڪاري هو،
دل جي ڪاڪَ سڏي پئي!

ڏيئن جان ٻاري اکيون، توکيِ راڻل، او،
دل جي ڪاڪَ سڏي پئي!

لاهي اُلڪا ٻِيا سيئي، توکي پيارل پو،
دل جي ڪاڪَ سڏي پئي!

"شاهين" ڪنائج تورڙو، توکي آڏيءَ جو،
دل جي ڪاڪَ سڏي پئي!



تنهنجون سارُون ساهہَ ۾، سانڍيون لَکَ هزار،
ناهِن آيون ڏُورِيون!

ميرا مُور نہ ٿيا ڪڏهن، ڏرتيءَ جهڙا پيارَ،
ناهِن آيون ڏُورِيون!

آهي هر دم جيءَ سان، تنهنجي سُندر سارَ،
ناهِن آيون ڏُورِيون!

تنهنجو ئي احساس آ، تن من کيِ دلدار،
ناهِن آيون ڏُورِيون!

توسان ئي هر جيت آ، ٿيٽي ناهي هارَ،
ناهِن آيون ڏُورِيون!

گڏ آهيون "شاهين". جو، کهڙي پوءِ ميارَ!؟
ناهِن آيون ڏُورِيون!

ڪونهي ٻيو ڪو پاڻ سان، تنها عالم ۾،
آيو آخر درد ئي!

جذبن جي لاشن مٿان، پل پل ماتم ۾،
آيو آخر درد ئي!

خوشيءَ ۾ سنسار هو، جيڏيون! پر غم ۾،
آيو آخر درد ئي!

ڇيڙيو ساز ملهارَ جو، سُڏڪن سرگم ۾،
آيو آخر درد ئي!

”شاهين“ سدائين ڇو ڀلا، پنهنجي ئي دم ۾!؟
آيو آخر درد ئي!



جيءَ! رَکي ڏِس ڀروَسو، ڪنهن جي ڀي ڪردار ڪي،
وقت نہ ٿو ميرو ڪري!

اُجرو آهي هر گهڙي، جڳ ۾ لاشڪ پيارَ ڪي،
وقت نہ ٿو ميرو ڪري!

اُجريون تَن جون ڳالهيُون، سهٽي ۽ ميهارَ ڪي،
وقت نہ ٿو ميرو ڪري!

جَرڪي ٿو هر دؤر ۾، عشق سندي انوارَ ڪي،
وقت نہ ٿو ميرو ڪري!

سال لَنگهي ”شاهين“ وِيا، دل ۾ پوءِ بہ سارَ ڪي،
وقت نہ ٿو ميرو ڪري!

سرتيون! سانگين سان، ساڳيا ڏينهن وَرن،
منهنجا نيڻ ٺَرن!

ياڳيا موتن ماڳ تي، ڏُونگر، ڏاڍَ ڏرن،
منهنجا نيڻ ٺَرن!

ڪوهين اونداهيون وڃن، گهر گهر ديپَ ٻَرن،
منهنجا نيڻ ٺَرن!

مينهون، گابا، ڇيلڙا، ساوا گاهہ چَرن،
منهنجا نيڻ ٺَرن!

آجو ٿئي هر آدمي، ظالم شال مَرن،
منهنجا نيڻ ٺَرن!

”فرزانا“ ڏڪَ برفَ تي، ڳوڙهن ساڻ ڳَرن،
منهنجا نيڻ ٺَرن!



اُيَ مِ ڪجهہ يي ڪين آ، ڇا ٿو واجهائين؟
ڌرتي سُندر آ سڄي!

سانديي خواهش چنڊ جي، دل ٿو ايذائين،
ڌرتي سُندر آ سڄي!

مارُن سان تون جيئڙا، پيچُ نہ ٿو پائين؟
ڌرتي سُندر آ سڄي!

پونءِ ڇڏي افلاڪَ جا، ڇو ٿو ڳُڻَ ڳائين؟
ڌرتي سُندر آ سڄي!

ڌرتيءَ جو هر جاءِ تي، ويٺو ٿو ڪائين،
ڌرتي سُندر آ سڄي!

ڇو ٿو تارَن سان مِيان، سوچون ڊوڙائين!؟
ڌرتي سُندر آ سڄي!

”فرزانا“ جي ڳالهہ ڪي، ٿورو جي پائين،
ڌرتي سُندر آ سڄي!

ناهي ساٿي ساٿ ڪو، عمر خلوتَ مان،
منهنجو سڱ احساس سان!

جڳَ ۾ آهي عام سا، گهر گهر غربت مان،
منهنجو سڱ احساس سان!

ڪونهي ڏُوئي دل اندر، آهيان محبت مان،
منهنجو سڱ احساس سان!

ماڻهو! تنهنجي عادتن، آڏو حيرت مان،
منهنجو سڱ احساس سان!

لافاني آهي سدا، غم جي دولت مان!
منهنجو سڱ احساس سان!

ويجهو ڪونهي ويل ڪا، دائم قربت مان،
منهنجو سڱ احساس سان!

سمجهي ڪو "شاهين" جي، ازلئون رحمت مان،
منهنجو سڱ احساس سان!



ويندي ڪاري ليلَ، ٿيندو ڏينهن چِٽو اديون!

ٿيندا مارُن سان وري، مُرڪي محبت ميلَ،
ٿيندو ڏينهن چِٽو اديون!

آسُن جا آهن ڦُٽا، رُوحَ اندر رابيلَ،
ٿيندو ڏينهن چِٽو اديون!

هينئڙو پاسي ٿو پيو، شايد پنهنجو هيلَ،
ٿيندو ڏينهن چِٽو اديون!

"فرزانا" نوڳين سندا، پُورا ٿيندا ڪيلَ،
ٿيندو ڏينهن چِٽو اديون!

دلين کي ٻاريو، اوندهہ ڪان چو ٿا ڊِڄو!؟

محبت وَنڊيو جا بَجا، نفرت کي ماريو،
اوندهہ ڪان چو ٿا ڊِڄو!؟

تاءُ رکو جذبن اندر، سُورج ٿي گهاريو،
اوندهہ ڪان چو ٿا ڊِڄو!؟

ڏات وڏو آ حوصلو، اوکيءَ کي ٽاريو،
اوندهہ ڪان چو ٿا ڊِڄو!؟

”فرزانا“. مشڪل ڪِشا، مشڪل ۾
ســــــــــاريــــــــــو،
اوندهہ ڪان چو ٿا ڊِڄو!؟



ڳوڙهو ڳوڙهو زندگي، تارو تارو تات،
ساءُ نہ سنيران ساءِ مان!

جذبا ترِّپن ٿا پَيا، شاهد ڏاتر ڏات،
ساءُ نہ سنيران ساءِ مان!

مُرڪَ وڃائي سالَ ٿِيا، سُورُ نِسوري ذات،
ساءُ نہ سنيران ساءِ مان!

لونءَ لونءَ ٿي روئي پئي، ”فرزانا“ ڏينهن
رات،
ساءُ نہ سنيران ساءِ مان!

آهي چينُ قرار، ڏرتي، تنهنجي جهولَ ۾!

ماٽي ويٺو ساءُ ٿو، سارو ئي سنسارُ،
ڏرتي، تنهنجي جهولَ ۾!

امڙ جهڙو مون ڏٺو، آهي پوِتر پيارُ،
ڏرتي، تنهنجي جهولَ ۾!

ناهي پٽڪڻ ٿِيو جڏهن، پاتو جيءَ وقارُ،
ڏرتي، تنهنجي جهولَ ۾!

وِسريو مون کان ڪينڪي، قول اُهو اقرارُ،
ڏرتي، تنهنجي جهولَ ۾!

مهٽن سان جيئندو پيو، ايندو ڪيئن غدارُ؟
ڏَرتي، تنهنجي جهولَ ۾!

”فرزانا“ ڪيئن تو سَٺو، آهي دردن بارُ؟
ڏرتي، تنهنجي جهولَ ۾!



ڪيڏو ڏوريو مُون، پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

جاڪُون سات ڇِني وئين، پنهل! وو تاڪُون،
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

هانءُ ورهہ جي واٽَ تي، ڦُٽي ٿِيو ڦاڪُون،
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

ڪيئن ڪٽينديس ڏينهڙا، مون کي ڏَس ڏي تُون؟
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

هلندي روهي راهہَ تي، ساٿيون ٿيون آسُون،
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

تنهنجون سارون ايئن جيئن، چيري دل چاقون،
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

ويل نہ ڪائي ساهہَ کي، سُور ڏين ساهُون،
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

”فرزانا“ نيٽن اندر، دردَ ڪيون شاخون،
پَهَڻَ پند پُڄي نہ ٿو!

روئڻ آيو ڪونہ، تنھائُن جي پنڌ ۾!

هلندي جي ٿَڪجي پئين، سُکَ جو سايو ڪونہ،
تنھائُن جي پنڌ ۾!

ڪنھن پي مون ڏي ساٿَ جو، هٿُ وڌايو ڪونہ،
تنھائُن جي پنڌ ۾!

دلداريون ڏيندو رهيو، درد رنجايو ڪونہ،
تنھائُن جي پنڌ ۾!

وِکَ وِکَ تي آھُون پريان، ياد گھٽايو ڪونہ،
تنھائُن جي پنڌ ۾!

دل پي سُکَ جو راڳ ڪو، آهي ڳايو ڪونہ،
تنھائُن جي پنڌ ۾!

“فرزانا” ساٿو ڪري، سُورَ ٿَڪايو ڪونہ،
تنھائُن جي پنڌ ۾!



منھنجي جذبن ۾، آهين تون ئي تون سدا!

مُرڪ بہ تنھنجي نانءَ جي، سُورن، سُڏڪن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

ديرو تنھنجو مَنَ اندر، سوچن، سپنن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

توريءَ ڏِسجي پِيو نہ ٿو، ديدُن، درپن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

قلب رسالو قُرب جو، اکرن ورقن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

هر هنڌ تنھنجي ذات آ، بن بن جبلن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

ٻوليون تنھنجون جا بَجا، جھنگن، شھرن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

جلوا تنھنجا ٿا رَهن، نازن، نيڻن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

“فرزانا” جو حوصلو، روهَن، رستن ۾،
آهين تون ئي تون سدا!

جيئي ٿو هر جيئڙو، هِتڙي پنهنجي لاءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

ويهي تون هڪ جاءِ تي، هاءِ نہ هيئن واجهاءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

اکيون هاٺي واٽَ تي، وئرت تون نہ وڃاءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

جذبا سارا ننڊ مان، جاڳي تون جاڳاءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

جُهومي پئي وايو منڊل، گيت نئون ڪو ڳاءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

سستي ساري ڪر ڦِٽي، اڳتي وِکَ وڌاءِ،
ڦيٿو ڦِريوَ وقت جو!

رنج رُسڻ ۾ ڪين ڪجھہ، پنهنجن ڪي پرچاءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

ڇا ۾ پنهنجو آجپو، سياڻا، تون سمجهاءِ؟
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!

”فرزانا“ نيڻن اندر، وهم نہ ڪو ترساءِ،
ڦيٿو ڦِريو وقت جو!



روئي زارون زارِ، هانوَ حويلي هيڪلي!

آسُون آهن روئٽيون، گهڙيون سڀ بيزار،
هانوَ حويلي هيڪلي!

ديدُن ڪان تون وئين پري، توبن ڇڻ سرڪار!
هانوَ حويلي هيڪلي!

رسمي شاهن جي اڳيان، آزادي آ گارِ،
هانوَ حويلي هيڪلي!

ٻوڙي ويندي زندگي، هئہ هئہ ڳوڙهن ٻارِ،
هانوَ حويلي هيڪلي!

ڪيسين رهندي ڏيهہَ ۾، ڻورو تون ويچار،
هانوَ حويلي هيڪلي!

”فرزانا“ هِنَ بند مان، پوندي آخر پارِ،
هانوَ حويلي هيڪلي!

ناهِن نيرَ اگهان، روئي منهنجو رُوح ٿو!

احساسن جا هٿ ڪٽي، جيئن ٿي شعر لڪان،
روئي منهنجو رُوح ٿو!

ڳوڙهو ڳوڙهو جيءَ سان، ويٺي لوڪ ڏسان،
روئي منهنجو رُوح ٿو!

ڪينَ ڏسان روئندا سيئي، شل بي نُور هُجان،
روئي منهنجو رُوح ٿو!

"فرزانا" دل ڪربلا، ڪيئن پو آنءُ ڪِلان؟
روئي منهنجو رُوح ٿو!



سُمهن ڪينَ اکيون، سارُون جاڳن ساهَ ۾!

ڏينهن گذاريل قرب ۾، ساري سڀ سڪيون!
سارُون جاڳن ساهَ ۾!

مِلنداسين مُرڪي وري، آسون جيءَ رکيون،
سارُون جاڳن ساهَ ۾!

اُلڪن جون ٻرنديون پَيون، جيسين دَم ٻَتيون،
سارُون جاڳن ساهَ ۾!

"فرزانا" توبن اکيون، پل ڀي بند نہ ٿيون،
سارُون جاڳن ساهَ ۾!

جوڳي! جاڳُ اڃان، جوتي گُھرجي جيءَ کي!

اونداهيون آهن اڳي، مان ٿِي ڏُور وڃان،
جوتي گُھرجي جيءَ کي!

سويَ تہ ٿيندي سچَ جي، ڇو مُان آڻ مَڃان؟
جوتي گُھرجي جيءَ کي!

خوفن جي پٿرن هٺان، دل ڇو هيءَ پَڃان؟
جوتي گُھرجي جيءَ کي!

“فرزانا” نيٽن اندر، ٻر ٻُر آسَ! اڃان،
جوتي گُھرجي جيءَ کي!



وقت اُهو ايندو، پيارُ ڪٽي ايندو،
مِلندي جنتَ جيئري!

نفرت جو نالو نشان، مِٽجي ئي ويندو،
مِلندي جنتَ جيئري!

ويلو سنڌوءَ وانگيان، سُڪڙن ڏي نيندو،
مِلندي جنتَ جيئري!

محبت هرڪو ڏيهہَ ۾، وٺندو ۽ ڏيندو،
مِلندي جنتَ جيئري!

ڏُور ڏُکن کان جيئڙو، سڀ ڪنهن جو ٿيندو،
مِلندي جنتَ جيئري!

“فرزانا” وِڪَ وِڪَ امن، ڌرتيءَ تي ٿيندو،
مِلندي جنتَ جيئري!

ماڻهو! ماتمَ ۾! ساڳيا اُلڪا عيدَ جا!

سُورن ساھُه اڇي ڪنيو، آھي آدم ۾،
ساڳيا اُلڪا عيدَ جا!

دم دم ھِن ھر جاءِ تي، اڪيون آگمَ ۾،
ساڳيا اُلڪا عيدَ جا!

ڳوڙها، گُوندر ٿا رَھن، ديدن ۽ دمَ ۾،
ساڳيا اُلڪا عيدَ جا!

”فرزانا“ گھاري عمر، وڪَ وڪَ محرم ۾،
سَاڳياَ اُلڪا عيدَ جا!



واند نہ ڪنهن وٽ ويلَ، سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

ناھِن سُکَ جا ڏينهن ٿِيا، گُوندر ساڳي ليلَ،
سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

سُورَ پِٽي ھر جيئڙو، اھنجيءَ منجھہ اويلَ،
سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

ڀَرُ جو ساڳيو سلسلو، ساھَن ۾ آ ھيلَ،
سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

ٿيندا آهن دردَ سان، هر ڪنهن جا هِت ميلَ،
سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

ويئي ڪري سنجيدگي، آنند! دل ۾ پيلَ،
سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

”فرزانا“ ڏرتيءَ ڪنيا، لڙڪَ ڪِريا رابيلَ،
سوگهو ھر دم سُورَ ۾!

جيونَ! سَبُ رُنا، آخر ڪاڏي تا وڃن؟

لوچيندڙ هي جيئڙا، آهن موتَ مُٺا!
آخر ڪاڏي تا وڃن؟

پيارَ پچارون هِت ڪري، ماڻهو! سڀ سُتا!
آخر ڪاڏي تا وڃن؟

ٿَڪجي ڪِريا ڏيهہَ ۾، جِن جا سُور پُٺا،
آخر ڪاڏي تا وڃن؟

”فرزانا“ ساٿي سيئي، ڏسندي نيڻَ وُٺا،
آخر ڪاڏي تا وڃن؟



اُٿيو آڏيءَ جو، مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

دل تائين آهي پُڳو، جنهن جو هُلُ هوڪو،
مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

ناهي چين قرار ڪو، ڏسيو سرتيون! او،
مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

تن من تڙپائي پيو، سڏ نہ سجاتل سو،
مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

توکي سُرت نہ سُورَ جي، سڏ نہ ٻُڌو جو تو،
مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

سُورَ سُمهن ٿا سانت سان، سُڏڪيو ساري پو،
مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

”فرزانا“ ٻولي مِٺي، آهي ڪنهن جي وو،
مون کي ڪير سَڏي پِيو!؟

جيءَ! نہ هت ديرو، ڪاري رات ڪُٽي نہ ٿي!

گُهٽجي مرندو ٿو رهي، محبت جو ڳيرو،
ڪاري رات ڪُٽي نہ ٿي!

مَنَ جي واهَڻَ ۾ آ رهيو، خوف سندو گهيرو،
ڪاري رات ڪُٽي نہ ٿي!

ڦاسي پئي هيءَ دل صفا، چوڌس انڌيرو،
ڪاري رات ڪُٽي نہ ٿي!

اونداهيءَ ڪيڏو ڪِيو، رند سڄو ميرو،
ڪاري رات ڪُٽي نہ ٿي!

”فرزانا“ ليجي نہ ٿو، پنهل جو پيرو،
ڪاري رات ڪُٽي نہ ٿي!



جذبا ٿي پِيا جُهورُ، ڪائي جوين سُورَ ويا!

روئي اکڙين جو سڄو، نيث وڃايو نُورُ،
ڪائي جوين سُورَ ويا!

هيڪل هيڏي ڏيهَہ ۾، پل پل پاليان پُورُ؟
ڪائي جوين سُورَ ويا!

ڪيئن رَسان توکي پرين؟ آهين ڏاڍو ڏُورُ!
ڪائي جوين سُورَ ويا!

ڳوڙها، ڳاراٽا ڳران، وڌيو دردَ ڪلُورُ،
ڪائي جوين سُورَ ويا!

اکيون ياسن آڳ ۾ تن سڄو تندورُ،
ڪائي جوين سُورَ ويا!

”فرزانا“ ڪنهن سان سَليان؟ سانگيئڙن جو سُورُ!
ڪائي جوين سُورَ ويا!

ڳٽـتـيـون ۾ ڳارا، بـاقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!

اوڪيءَ سان گذرن پَيا، لمحا جي پيارا!
باقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!

دردن جي درياهہَ جون، لهرون، لامارا،
باقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!

پنهنجا آهن جي رهيا، گردش ۾ تارا،
باقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!

وسُئن ۾ ويندا اچي، چاهتَ جا چارا،
باقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!

سنتوءَ وانگي تا وَهن، نيٽن جا نارا،
باقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!

“فرزانا” ويندا وَهِي، سُورَ سڄڻ! سارا،
باقـي ٿـورا ڏيـنـهـڙا!



هيءَ بہ ڪهڙي نندَ، هيءَ بہ ڪهڙي رات؟
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

جيوَت آ يا موت جو، ڪونهي ڪيچن تات!؟
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

رنج الئہ ڪهڙو هُيس؟ ڏُور وئي تي ڏات،
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

منهنجي من جي چَنَ ۾، ڏس تون پائي جهات،
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

آئي ڪونہ اجان هئي، سارينديِ پرِيات!
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

جذبا جُهرندا وِيا سيئي، وقت ڏني جو مات،
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

“فرزانا” ناهي رهي، ڪائي پي فڪرات!
سوچون سَڀُ سُمهي پِيون!

آهي ڏينهن تَتو، ڪونهي ڇانوَ ڇپر،
ڪاٽي ساهيان پيرڙا!؟

تيڪُ تتيءَ ۾ آ گهٽو، ناهي مينهن، ڪڪر،
ڪاٽي ساهيان پيرڙا!؟

هونءَ تہ جيون پل اَپل، اڻ ڪٽ سُورَ سفر،
ڪاٽي ساهيان پيرڙا!؟

سنگي سُڪُ ٿئي اچي، اهڙو ڪونہ پهر،
ڪاٽي ساهيان پيرڙا!؟

"فرزانا" دنيا سچي، آهي اهنج بحر،
ڪاٽي ساهيان پيرڙا!؟



راڻا! موتي آءُ، دل جي ڪاڪِ جُهري پئي!

ورهہ سڪندي ويا لَنگهي، سنيران ساءِ نہ ساءُ،
دل جي ڪاڪِ جُهري پئي!

ناهي تنهنجي قرب جو، سومل منجهہ هڳاءُ،
دل جي ڪاڪِ جُهري پئي!

تن من تڙپائي پيو، هاءِ وڇوڙن واءُ،
دل جي ڪاڪِ جُهري پئي!

"فرزانا"، سان ڪر ڪٽي، پيارل! تون پرچاءُ،
دل جي ڪاڪِ جُهري پئي!

آهيان ڪو دم ڏيهہَ ۾، وڃڻي آهيان ڏُورُ،
آهي ماڳ اڃا اڳي!

واٽون هِن اهنجون تہ ڇا؟ ساٿي سِرَ سان سُورُ،
آهي ماڳ اڃا اڳي!

سُورن کي سامهون ڏِسي، ٿيندس ڪينَ مَلورُ،
آهي ماڳ اڃا اڳي!

ڏاتر ڏيندو پندَ ۾ نابينيءَ کي نُورُ،
آهي ماڳ اڃا اڳي!

ساڳيا سپنا ساهہَ جا، ساڳيو پنهونءَ پُورُ،
آهي ماڳ اڃا اڳي!

”فرزانا“ رک حوصلو، منزل ٿوري دُورُ،
آهي ماڳ اڃا اڳي!



ڏيئا ٻاري ياد جا، جاڳي ٿي جذبات،
ايندو راڻو ڪاڪَ ڏي!

نيڻَ وِڇايو راهہَ ۾، ويٺي آهي رات،
ايندو راڻو ڪاڪَ ڏي!

ايندو ڏيندو مينڌرو، سُورن کي سڪرات،
ايندو راڻو ڪاڪَ ڏي!

دلداريون ڏيندي پئي، ڏُونگر جهڙي ذات،
ايندو راڻو ڪاڪَ ڏي!

جذبن ۾ هئي جستجو، جيئن جيئن پاتي جهات،
ايندو راڻو ڪاڪَ ڏي!

آٽيندي ”شاهين“ اَوس، آزادي پرڀات،
ايندو راڻو ڪاڪَ ڏي!

چا ٿو سوچين وائڙا! ڏورڻ منجهہ حيات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

جيئڻ لئہ ڪر جستجو، ڪو دم ڪاري
رات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

ناهي خوف ڪِروڌ جو، ساٿي آهي ذات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

راهہَ ڪُٽايون سُورَ جي، سامهون سُک محلات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

ننڊ نہ ڏيندئي چينَ جي، جانيئڙا! جذبات،
پيرن کي ساهيون نہ ڏي!

“فرزانا” پٽڪون نہ ٽا، اوکا هِن حالات،
پيرن کي ساَهيون نہ ڏي!



ڪيرُ ڏَسيندو ماڻهؤ، چا ٿو سوچي دورُ!؟
ماروئڙن جي ماٺ ٿي!؟

چوڏس چيخون ٿي ويون، سُورَ مچايو شورُ،
ماروئڙن جي ماٺ ٿي!؟

سُورن هِنِ راڙا ڪَيا، سنڌ سڄي ڀنيور،
ماروئڙن جي ماٺ ٿي!؟

روز وڏي ٿي عام ويو، غاصب! تنهنجو زورُ،
ماروئڙن جي ماٺ ٿي!؟

دارون گُهرجي دردَ ۾، “فرزانا”، ڪر غورُ،
ماروئڙن جي ماٺ ٿي!؟

منهنجي جيجل ماءُ! گهوريان توتان جندڙي.

ڏک تو رکيا پاڻ سان، مون کي ارپي ساءُ،
گهوريان توتان جندڙي.

پنهنجي سِرَ تي مان کٺان، تنهنجو هر ايذاءُ،
گهوريان توتان جندڙي.

تنهنجي لوليءَ جو امان! ناري مَنُ پڙلاءُ،
گهوريان توتان جندڙي.

ڪِينَ سَهي ٿي مان سگهان، توسان ڪو انياءُ،
گهوريان توتان جندڙي.

تو ئي مون کي آ ڏنو، ايرن لئہ ڪهڪاءُ،
گهوريان توتان جندڙي.

بخش خطا "شاهين" کي تنهنجي دل درياءُ،
گهوريان توتان جندڙي.



نارا نيڻ وَهنِ، سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

سُورَ وِڇون بڻجي الا، گوڙيون جيءَ! گجن،
سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

آسن جا گهرڙا ڪَچا، سرتيون! شال بچن،
سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

درد گهٽائون ٿي پيا، هئہ هئہ ڏوهہَ ڏَکن،
سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

مَن اندر مهراڻ ۾، موجون مست ٿين،
سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

ضبط ٽُٽو بند وانگيان، پَئيَڙا خواب پُڏن،
سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

"فرزانا" وچڙيل پَيا، ڏاڍو ياد پوَن،
سارُون ٿي سانوَڻ وَسنِ!

وِيلَ وِڇائي مُون، اونداهي ماري وَئي!

سپنا ٻڻجي وِيا ڇَڏي، روشن ڏينهڙا ڏون،
اونداهي ماري وَئي!

مون کي ڀاڪر منجهہ ڀر، منهنجي مٽڙي ڀُون!
اونداهي ماري وَئي!

جيَون گذريو ساڙَ ۾، مان مان تون تون تون،
اونداهي ماري وَئي!

”فرزانا“ اُڏري ويو، ساهُہ ڪٽي آسُون،
اونداهي ماري وَئي!



ايندي اهڙي ويلَ، آجي ٿينديَس ڪوٽَ مان!

ٿيندا ڳوڙها رتَ ڳَڙا، نيٽن جا رابيلَ،
آجي ٿينديَس ڪوٽَ مان!

جهاڳيندي ويندي ڪُٽي، باقي ٿوري ليلَ،
آجي ٿينديَس ڪوٽَ مان!

ٿيندا ٿيندا پاڙ جا، سڪَ سان! ساڳيا ميلَ،
آجي ٿينديَس ڪوٽَ مان!

پيرَ صبح کي پهچندا، ٿي وئي آهہِ اَويلَ!؟
آجي ٿينديَس ڪوٽَ مان!

”فرزانا“ ساهَن سنديون، ٽٽنديون ٻيڙيون هيلَ،
آجي ٿينديَس ڪوٽَ مان!

آهي پنڌ پري، ڏات! اڃا رَهُه جيءَ سان.

احساسن جا موتِيا، ڏي تون جهولَ ڀَري،
ڏات! اڃا رَهُه جيءَ سان.

تيئن تيئن تون جاڳائجان، جيئن جيئن رات ٺَري،
ڏات! اڃا رَهُه جيءَ سان.

ويندي هِتڙان آنءُ جي، ٻيهر ڪيرُ وَري؟
ڏات! اڃا رَهُه جيءَ سان.

جيوَن آهي جنڊ چڻ، پيو تو ڏيلُ ڏَري!
ڏاتَ! اڃا رَهُه جيءَ سان.

”فرزانا“ سنسارَ ۾، روشن ذِهنَ ڪَري،
ڏات! اڃا رَهُه جيءَ سان.



جيجل! جوڳيئڙا، آخر موتِيا ماڳَ ڏي!

جن جا ڇڏيا ڪينڪي، اڪڙين اوسيئڙا،
آخر موتِيا ماڳَ ڏي!

سُورن کي ساٿي ڪَري، آهن ساميئڙا،
آخر موتِيا ماڳَ ڏي!

ڦهر ڦَڪَن ۾ گهاريُون، جُهونا جهانگيئڙا،
آخر موتِيا ماڳَ ڏي!

”فرزانا“ سڏڙا ڪندي، سارا پانڌيئڙا،
آخر موتِيا ماڳَ ڏي!

مَٽيو سڀ مَٽيو، راهون ساڳيون رُوحَ جون.

روهن جو رستو ڏکهو، تنها جيءَ ڪَٽيو،
راهون ساڳيون رُوحَ جون.

ٻوءِ بدن کي ڀُونءِ ۾، لوڪن آهه لَٽيو،
راهون ساڳيون رُوحَ جون.

ڀَهَڻَ جي هِنَ پنڌ تي، هئه هر هانءُ ڦَٽيو،
راهون ساڳيون رُوحَ جون.

اوندهه جو "شاهين" پر، ناهي پنڌ گَهٽيو،
راهون ساڳيون رُوحَ جون.



ٿيندءون آخر عام، وايون پيارَ پريتِ جُون!

دليون ڳڏجي ديس جُون، پهچائن پيغام،
وايون پيارَ پريتِ جُون!

ٿِيٽيون آهن ڪينڪي، ننڍٽڪيون ناڪام،
وايون پيارَ پريتِ جُون!

آهن ڏيندءون لوڪَ کي، وحدت جو پيغام،
وايون پيارَ پريتِ جُون!

سونهن سيئي سيڪاريون، ڪين ڪڏهن وسريام،
وايون پيارَ پريتِ جُون!

"فرزانا" ويساهُه رک، ٿيندءون قلب ڪلام،
وايون پيارَ پريتِ جُون!

سُور وَندي ساٿيهَه ۾، هرڪو سوڳي ساهُه،
پسيو سُورَ سبيلَ ٿِيا!

موجون هِنَ ڪان ڪنهن ڦُريون، ماٿارو درياهُه؟
پسيو سُورَ سبيلَ ٿِيا!

روئندڙ جيجل ماءُ جي، اکين منجهه اللهُ،
پسيو سُورَ سبيلَ ٿِيا!

درد وِڇايل چِڻ لڳا، دل جي درسگاهُه،
پسيو سُورَ سبيلَ ٿِيا!

"فرزانا" سِڪَ تڙپَ ۾ چنڊ، پکيءَ جو چاهُه،
پسيو سُورَ سبيلَ ٿِيا!



مهڪي پَيو سنسارُ، سارنگ آيو سرتِيُون!

ساوا گاهہَ ڦُٽي پَيا، مُرڪيو هر پنهوارُ،
سارنگ آيو سرتِيُون!

راضي رهندو ايئن ئي، سڀ تي پالڻهار،
سارنگ آيو سرتِيُون!

وڻ وڻ تو ويٺو پَسي، پکيئڙن جو پيارُ،
سارنگ آيو سرتِيُون!

ٿر، بر ڏسندو ساءُ سُک، ملندو چينُ قرار،
سارنگ آيو سرتِيُون!

ڳائي سڏڙا تو ڪَري، جهانگين کي پڪرارُ،
سارنگ آيو سرتِيُون!

"فرزانا" آهي اِڇا، ٿيندو هيلَ سُڪارُ،
سارنگ آيو سرتِيُون!

اوسيئڙا، ارمانَ، ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

ويندا لَتجي واءُ ۾، پيرن جا نيشانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

پوکين ٿا وَڻَ پيارَ جا، ماڻهو! سي مهمانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

ايندا آجا ڏينهڙا، ظالم ۽ زندانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

چرخو آهي وقت جو، اديون! سي انسانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

وڪري ويندا اوچتو، خوابن جا گلدانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

آخر ڪُتندا ڪيڏندي، نفرت جا ميدانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!

رهنديون ڳالهيون لوڪ ۾ "فرزانا"، نادانَ،
ڪو دم آهن ڏيهہ ۾!



پونديون پَٽِ جُهري، جُهڳيون جهانگين جُون،
ماٺو ٿي تون مينهڙا!

ڳوڙها آيَلِ جا ڳڙن، وينا ٿا وهنجون،
ماٺو ٿي تَون مينهڙا!

سُور اباڻن جا ڪِٽي، سمجهي سگهندين تُون،
ماٺو ٿي تون مينهڙا!

"فرزانا" ڳٽيون ڪَٿي، تَڪجي پوَندي پُون،
ماٺو ٿي تون مينهڙا!

واتون نيهارينِ، اکيون تنهنجي آسري!

گهڙيون درد فراق جون، مون کي ٿيون مارين،
اکيون تنهنجي آسري!

سُورن جي سنسارَ ۾، هَنجون ٿيون هارين،
اکيون تنهنجي آسري!

سُوريتيون مَنَ مُرڪندي، گهڙيون ٿيون گهارين،
اکيون تنهنجي آسري!

"فرزانا" دل هيڪلي، ڳٽتيون ٿيون ڳارين،
اکيون تنهنجي آسري!



اندر جا آرامي سارا، سُورَ اُتاري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

غفلت واري ننڊ کي ماري، جاڳ جياري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

سڏڙن ۾ سَوَ سُور سمائي، تن من ڳاري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

سُورَ اُتاري جذبا ٻاري، سانت سُمهاري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

ويرانن ۾ تنها جيوَن، ڪوتہ گذاري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

چيخن ۾ تاريخ سمائي، اُپَ ڪي ڏاري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

"فرزانا شاهين". مياروِن، ڏيندي ماري ٿو،
ڪير پُڪاري ٿو!؟

ڪنهن ڪان ڪيرُ سِڪي؟ هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!

حسد جي ڏوري وٽس، ويٺو روز ڇڪي،
هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!

اَحمق سڏجي سادڙو، ڪاٿي ڪيئن لِڪي!؟
هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!

سڀ ڪو پنهنجو ڏڳ ڏَسي، ڪيسين جيءُ ڏُکي؟
هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!

ڪنهن کي ڪُوڙو ڪوٺجي؟ سوچي روحُ ڏُکي!
هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!

منزل جو ڳهٽ ڳهيڙ هِت، ڪنهن کان ڪيرُ پُڇي؟
هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!

"فرزانا شاهين" ٿي، سُڌڪي سَچُ لِکي،
هرڪو ڏاهو ٿي پَيو!



ڌرتي جڳَ جي ماءُ، ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

ويچو تنهنجو وهم آ، سمجهين شل تون پاءُ!
ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

تنهنجو سهندي ڪيترو، ماٺي ٿي انياءُ؟
ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

ٿورو رکج رُوحَ ۾، ساندي تون ڪهڪاءُ،
ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

ساري عالم ۾ ڪو، ڌرتيءَ هِيرَ هُڳاءُ،
ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

توکي ٿي ايندو ڪڏهن، آخر هي ايذاءُ،
ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

"فرزانا" ويندءِ ڦِٽي، سارو دل جو ساءُ،
ڌرتيءَ کي ياڳا نہ ڪر!

ڏُکندن جي هِنَ حالَ تي، ڳٽتيون ڳاريندیون،
مون کي ماريندیون!

تنهنجيءَ دل جون نفرتون، باهيون ٻاريندیون،
مون کي ماريندیون!

هئہ هئہ هيڏيون هي وِٿيون، دل کي ڏاريندیون!
مون کي ماريندیون!

سوچون سِگريون ساهَہ لئہ، ڪاتي ٺاريندیون؟
مون کي ماريندیون!

امڙيون هِنَ سنسارَ ۾، هَنجون هاريندیون،
مون کي ماريندیون!

وِڇڙي منهنجون سرتيون، نيٺ وساريندیون،
مون کي ماريندیون!

"فرزانا" ڏُکَ چوليون، مُورُ نہ تاريندیون،
مون کي ماريندیون!



ساري پُونءِ شعاع، آهي چنڊ ٻريو،
تولئہ رُوح ڀريو!

اوٺر وانگي اوچتو، تنهنجو خيال وَريو،
تولئہ رُوح ڀريو!

ساريندي نيڻن اندر، آهي آب تَريو،
تولئہ رُوح ڀريو!

ساري ڪلهہ جا ڏينهڙا، دل جو ڏيان ڏريو،
تولئہ رُوح ڀريو!

ڏسندي چنڊ چڪور جو، ساڳيو چاهَہ چَريو،
تولئہ رُوح ڀريو!

"فرزانا". ڏنجهَہ سان ڪِتي، ناهي ڏيل ٺريو،
تولئہ رُوح ڀريو!

كنهن جو كو ناهي، كهڙو ڏور اچي ويو!؟

ويچو هر هڪ جيءَ سان، آهي ئي آهي،
كهڙو ڏور اچي ويو!؟

دِليون ڊاهي آدمي، محل پيو ٺاهي،
كهڙو ڏور اچي ويو!؟

ماڻهو! ڦير فساد ۾، ساهَ نه ٿو ساهي،
كهڙو ڏور اچي ويو!؟

چين ويو "شاهين" جو، سُورُ پيو ڪاهي،
كهڙو ڏور اچي ويو!؟



آڌيءَ رات اُٿي، جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

آهي نيٽن جي اڳيان، ڪنهن جي ڏيءَ ڪُٺي،
جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

ڏات! ڪيون ڳالهيون ٻه ٽي، آهي ننڊَ رُٺي،
جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

بيهُودَن جي ڏيهَه ۾، ڪائي جند ڏُکي،
جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

سُور اچي سامهون ٿِيا، ڏِنئي چينَ! پُٺي،
جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

"فرزانا" ڏُکَ ڏات سان، ڏاڍو رات وُٺي،
جذبا جاڳي جنگ ٿيا!

هُو تو ڏُور پَري، چنڊ نہ ساٿي پاڻَ جو!

ڌرتيءَ، اُڀ جو فاصلو، آهي جيءَ! پَري،
چنڊ نہ ساٿي پاڻَ جو!

هُو نہ پَيو هڪ جاءِ تي، پنهنجا پيرَ ڌري،
چنڊ نہ ساٿي پاڻَ جو!

پُونءِ اکيون اُڀَ ۾ رکي، ٿڌڙا ساهہَ ڀري،
چنڊ نہ ساٿي پاڻَ جو!

ساري ئي آڪاس ۾، پيو هو پنڌ ڪري،
چنڊ نہ ساٿي پاڻَ جو!

"فرزانا" اُڀَ ڏي ڏسي، پيئي مفت مري،
چنڊ نہ ساٿي پاڻَ جو!



وقت ڏنو جي ساٿ پوءِ، سارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

پاڻ وڇوڙي ڪاتَ جا، وارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

سنڌوءَ جي هِڪَ سِيرَ هُون، پارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

قربن جي ديوار لئہ، ڏارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

محبت جي ميدان ۾، هارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

رشتن جو آ مامرو، ٻارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

"فرزانا" نفرت ڀري، نيهارَ نہ ٿينداسين،
ڌارَ نہ ٿينداسين!

ساڳي سپرينءَ سارَ، آهيون هِڪَ وجود ۾!

شوق ۾ شِرڪ رهيو نہ ڪو، دلبر ناهي ڌارَ،
آهيون هِڪَ وجود ۾!

دل ۾ ثابت سِڪَ آ، مُور نہ ايندا ڏارَ،
آهيون هِڪَ وجود ۾!

جذبا تي جَرڪن پَيا، پوتر پنهنجا پيارَ،
آهيون هِڪَ وجود ۾!

سُکَ ۽ ڏکَ هڪ روحَ ۾، کهڙي جيت ۽ هارَ؟
آهيون هِڪَ وجود ۾!

“فرزانا” ازلئون رهي، آهي ساجنَ سارَ،
آهيون هِڪَ وجود ۾!



هلندي اوڪيءَ راهَہ ۾، ٿَڪجي ساهَہ پَوَن،
پاڻ نہ پانڌي ڪچ جا!

اوڪا پنڌَ ڪَيا سدا، صديون لوڪ چوَن،
پاڻ نہ پانڌي ڪچ جا!

روهن ۾ ٿِيا رتَ ڳڙا، پير هي سُور سَهَن،
پاڻ نہ پانڌي ڪچ جا!

احساسن جا نيڻ ٿا، روئي بس نہ ڪَن،
پاڻ نہ پانڌي ڪچ جا!

“فرزانا” پيا حوصلا، چوندا هيئن اچن،
پاڻ نہ پانڌي ڪچ جا!

ويندا ڏينهن ڏُکيا، ايندو چين قرار،
هينئون هار نہ پنڊ ۾!

سُورَ سَڙي ويندا سيئي، ٿيندو سُک سُڪار،
هينئون هار نہ پنڊ ۾!

جهيڙيندو پيو جيئڙو، ٿورا ڏينهن ڏُکار،
هينئون هار نہ پنڊ ۾!

محبت هِن سنسار ۾، ٿيندي بُوءِ بهار،
هينئون هار نہ پنڊ ۾!

“فرزانا” ڪر پروَسو، آجو ملندو پيار،
هينئون هار نہ پنڊ ۾!



تن من جاڳي ٿو، ناهي ننڊَ حياتِ کي!

جذبن ۾ آ جستجو، ائين نہ پُڇجان ڇو؟
ناهي ننڊَ حياتِ کي!

خواب ٿين سايپيان پَيا، جَڳَ ۾ جيڏيون! جو،
ناهي ننڊَ حياتِ کي!

گذرن ٿيون لوچي گهڙيون، پنهنجون سڀ لوڪو!
ناهي ننڊَ حياتِ کي!

“فرزانا” سڏڙا ڪَيا، ڌرتي ٻڌجي وو،
ناهي ننڊَ حياتِ کي!

پيارَ پچر ناهي، هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

قرب چڏي هر آدمي، ويرُ پيو چاهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

قلب ٿُٽا تڙپن پَيا، ڪير نہ ٿو ٿاهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

ماڻهو! ماڻهوءَ کي پَيو، گهيرَن ۾ لاهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

ڳاهِن جيئن اِنسانَ کي، درد پيو ڳاهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

لوڙي لوڙي جيئڙو، ساھُہ نہ ٿو ساهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

جُڙيل جڳ جا جيئڙا، لوڪ پيو ڊاهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہ الو ميان!؟

ذات سِوا "شاهين". کي، اُلڪو پيو ناهي،
هيءُ بہ کھڙو ڏيھہَ الو ميان!؟



ڪڙڪي ڪاري رات، هانءُ ازل کان هيڪلو!

واجهائي مَنَ وات ۾، اُيري شل پريات
هانءُ ازل کان هيڪلو!

حوت ڏئي هاٽي ويو، سُورن جي سوغات،
هانءُ ازل کان هيڪلو!

تنهائيون تڙپن پيون، ڏِس تون پائي جهات،
هانءُ ازل کان هيڪلو!

پوريءَ هِن "شاهين". کي، ڏاتر ڏيندين ڏات؟
هانءُ ازل کان هيڪلو!

سمجهہ کَسيندو آ، رُسندو رب آهي اگر

پتڪاوَن جي وات ئي، وِکَ وِکَ ڏيندو آ،
رُسندَو رَب آهي اگر.

کوڙ پريشانيون وڏن، ساءُ نہ ايندو آ،
رُسندو رب آهي اگر.

خوار پيو هر گام تي، ماٺهو ٿيندو آ،
رُسندو رب آهي اگر.

ڪوئي دڳ "شاهين" سنئون، هٿ نہ ايندو آ،
رُسندو رب آهي اگر.



عـالـم تـي آئـي، ڪـاري چـادر رات جـي!

ويـل وڏائـيـنـدي وئـي، ڏيـنـدي تـنـهـائـي.
ڪـاري چـادر رات جـي!

اُلڪا ڇھُونديون جيءَ ۾، چين وئي ڪائي.
ڪـاري چـادر رات جـي!

ڏڙ ڏڙ دل جي وئي وڏي، ڏسندي گهبرائي.
ڪـاري چـادر رات جـي!

ڏرتـي اونـدهہ ۾ پـئـي، انـبـر اڇـلائـي.
ڪـاري چـادر رات جـي!

لـوڪـن جـي "شـاهـيـن". آ، واتِ اِهـا وائـي.
ڪـاري چـادرَ رات جـي!

تون ئي جاتي جاڳَ، تون ئي ننڊ قرار جي!

تون ئي راڳ حيات جا، تو ئي وَسِ ويراڳ.
تون ئي ننڊ قرار جي!

تون ئي راهون رُوح جون، تون ئي پانڌ پاڳ.
تون ئي ننڊ قرار جي!

تون ئي پَهَڻَ پيچرا، تون ئي موتيا ماڳ.
تون ئي ننڊ قرار جي!

تون ئي سُک "شاهين جو"، تون ئي ڏکُ اوجاڳ.
تون ئي ننڊ قرار جي!



تُون جو آهين دُور، چوڏهينءَ رات وٽي نہ ٿي!

مون ڏانهن سوريندو وئين، سوريتا! هر سُور.
چوڏهينءَ رات وٽي نہ ٿي!

پل پل ٿي پَڇران پئي، پالي تنهنجو پُور.
چوڏهينءَ رات وٽي نہ ٿي!

نيرن سان وَهندو ويو، نيڻن، دل جو نُور.
چوڏهينءَ رات وٽي نہ ٿي!

رهيو آ "شاهين" جي، اکڙين ۾ عاشُور.
چوڏهينءَ رات وٽي نہ ٿي!

توسان ئي آهِين، موجون مَن مهراڻ جون!

پل پل آهن پنڌ ۾، ڪاهيون ٿِيون ڪاهِين.
موجون مَن مهراڻ جون!

ڇُوهِيون آهن وقت ڪان، ماٺاريون ناهِين.
موجون مَن مهراڻ جون!

ڪيڏا سُندر سُونهن جا، منظر ٿِيون ٿاهِين.
موجون مَن مهراڻ جون!

ساگر وانگي واٽ سان، توکي ٿِيون چاهِين.
موجون مَن مهراڻ جون!

سرت نہ ٿَم "شاهين". دَمِ ساروڻ ڪِٿ ساهِين؟
موجون مَن مهراڻ جون!



محبت آهي وَڻ، ميوو آ مِٺڙو عمل!

جيڪو چاڙهي ٿو وجي، ساجن! ان لئہ چڻ.
ميوو آ مِٺڙو عمل!

چاهہ چکيندي هر قدمِ، وکڙيون سوچي کڻ.
ميوو آ مِٺڙو عمل!

جيڪي پاسي پيار جي، تون ٻي تن جو ٻڻ.
ميوو آ مِٺڙو عمل!

اڻ موسم جي ٻور جان، مفت نہ مِٺڙا! چڻ.
ميوو آ مِٺڙو عمل!

"فرزانا" اڄ نينهن جو، مُرڪي نعرو هڻ.
ميوو آ مِٺڙو عمل!

مُرڪي مهل ملهاءِ، جي تون آهين سنڌ جو!

اوڪيءَ سان تون اٽڪندي، اڳتي پير وڌاءِ.
جي تون آهين سنڌ جو!

ويرين جون هر وات تي، مَتيون مردَا! مُنجهاءِ.
جي تون آهين سنڌ جو!

ويساري هر ڳالهہ کي، ڳُڻ متيءَ جا ڳاءِ.
جي تون آهين سنڌ جو!

ڪڏ تون تاراپ مان، ٽَر بَر ڏي واجهاءِ.
جي تون آهين سنڌ جو!

سانگين کي "شاهين". تون، پل پل پيو پرچاءِ.
جي تون آهين سنڌ جو!



ڪن ٽيون سڏڙا وو، واتون واريءَ جون وري!

موت پَچي ويو پاڻ وٽ، ڪيڏو آ چوهو.
واتون واريءَ جون وري!

پَهَڻَ پنڌ پُڇائيا، اڳيان آيون جو.
واتون واريءَ جون وري!

وقت ڏِنئي "شاهين کي، ڪيڏانهن آٽي تو؟
واتون واريءَ جون وري!

راڙا رندَ ٿِيا، درد وَنديءَ جي ديس جا!

محشر ماتم وايون، ڪھڙا پولَ پيا؟
درد وَنديءَ جي ديس جا!

پِين لئہ لوچي مُئا، سي ئي جيءَ جِيا.
درد وَنديءَ جي ديس جا!

سڀ جي لئہ "شاھين" ھَن، رستا پيار پيا!
درد وَنديءَ جي ديس جا!



پَسيو جڳ جو حالُ، سُڏڪي ٿي سنجيدگي.

قربت جو آهي رهيو، ڪيڏو هاڻي ڪالُ.
سُڏڪي ٿي سنجيدگي.

شهرت کي سمجهي پيو، ماڻهو! مايا مالُ.
سُڏڪي ٿي سنجيدگي.

دانش! تنهنجو هلڪڙو، بڻيو خامي خيالُ.
سُڏڪي ٿي سنجيدگي.

احمق چاٽي ڪين ڪجهہ، تاڙيون محفل هالُ.
سُڏڪي ٿي سنجيدگي.

ناهي پِيو "شاهين" سان، خِلوتَ ۾ هي حالُ.
سُڏڪي ٿي سنجيدگي.

ناهي پيٽڻ ڪار، مون وٽ سُور نصيب جا!
مون وٽ سُور نصيب جا!

گُذري ويندا ساهہَ سان، ناهي روئڻ ڪار.
مون وٽ سُور نصيب جا!

مُرڪي ٿي گذري گهڙي، ناهي سُڏڪڻ ڪار.
مون وٽ سُور نصيب جا!

جُهومي ٿو جيوَن پيو، ناهي ڦٿڪڻ ڪار.
مون وٽ سُور نصيب جا!

“فرزانا” سَگهہ ٿي رکي، ناهي تڙپڻ ڪار.
مون وٽ سُور نصيب جا!



تَڪيو سوچيندي، ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

ساهَن جي مسافري، اڌ ۾ روڪيندي.
ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

منظر سڀ سنسار جا، دل ۾ اوتيندي.
ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

هيڏيون يادون جيءَ کي، ڏاتر ٿي ڏيندي.
ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

وک وک توسان آدمي! ڏاڍو لوچيندي!
ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

سارُن جا وڻ ساهہ ۾، پل پل پوکيندي.
ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

پورهيو سڀ “شاهين” جي، هٿڙن ۾ نيندي.
ڪاڏي وقت وجي پيو!؟

مُون سين ڪونهي ڪو، آيل! آهيان هيڪلي!
آيل! آهيان هيڪلي!

چين چڪيو ڪونهي وري، ڪو دم توڪان پو.
آيل! آهيان هيڪلي!

هوت چڏي هن پارِ ويو، سُڏڪان ويٺي سو.
آيل! آهيان هيڪلي!

وائي ويڙهيچن سَندي، ويٺي ڳايان وو.
آيل! آهيان هيڪلي!

ساهَن جي هِن سمنڊ ۾، مون کي ڏِس تون چو؟
آيل! آهيَان هيڪلي!

اوندهہ ماري مات ۾، مون کي ڏيئي يو.
آيل! آهيان هيڪلي!

ڏيل ڏکي "شاهين" جو، سات چنو جو تو.
آيل! آهيَان هيڪلي!



سرتيون! ساهَن جو، آخر پند پُڄي پيو!

سرندا ساگر ڏي هلن، درياهہ واهن جو.
آخر پند پُڄي پيو!

توڙ نہ سنگ هلي سگهن، ٿوڳين ٿاهن جو.
آخر پند پُڄي پيو!

جذبا جي ٽڪجي پوَن، چارن چاهن جو.
آخر پند پُڄي پيو!

جهاڳيندي "شاهين"! هل، ڳٽتين ڳاهن جو.
آخر پند پُڄي پيو!

ڏاتو ڏاتِ ڪري، جڳ جا سُورَ لُٽي ڇڏيان!

هر ڪنهن جو منُ چين جا، ويڙهو دمَ پري!
جڳ جا سُورَ لُٽي ڇڏيان!

چمنيءَ وانگي جيءَ سان، ڳٽتي ڪانـ ٻَري،
جڳ جا سُورَ لُٽي ڇڏيان!

سُکَ جا سنگَ ماڻي سدا، جيڏيونِ! لوڪُ ٺري،
جڳ جا سُورَ لُٽي ڇڏيان!

جوين، جيون ڏيهـَ ۾، ڳٽتين سِان نـ ڳري،
جڳ جا سُورَ لُٽي ڇڏيان!

“فرزانا” تڪليف ڪان، گهارنِ ساهـَ پري،
جڳ جا سُورَ لُٽي ڇڏيان!



جيئندو ۽ مرندو، ماڻهو! هر ڪردار سان.

دنيا جي هِنَ سمنڊ ۾ ٻڏندو ۽ ترندو،
ماڻهو! هر ڪردار سان.

ويندو تي تاريخ ۾، ورقن ۾ ورندو،
ماڻهو! هر ڪردار سان.

دائم حق باطل هتي، وڙهندو ۽ ڏرندو،
ماڻهو! هر ڪردار سان.

“فرزانا” اونداهـ ۾ چنڊ جيان ٻرندو،
ماڻهو! هر ڪردار سان.






# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book